# قائداعظم

## حياتي ۽ خدمتون


تصنيف:

شريف المجاهد

ترجمو:

غلام رسول سومرو



قائداعظم اڪيڊمي

١٩٨٦ع

ڇپائيندڙ - قائداعظم اڪيڊمي
٢٩٧ - ايم - اي. جناح روڊ
ڪراچي - ٥

مصنف جا سڀ حق ۽ واسطا قائم
ڇاپو پهريون - ١٩٨٦ع

سرورق - رشيد صديقي

ڇپيندڙ - احمد برادرس پرنٽرز
ڪمرشل ايريا ناظم آباد ٢
ڪراچي - ١٨

مُلهه - اعليٰ ايڊيشن ٢٥ رپيا
عام ايڊيشن ١٢ رپيا

نوٽ: هن ڪتاب ۾ جن خيالن، نظرين، وضاحتن ۽
جن سمجهاڻين ڪان ڪم ورتو ويو آهي، اهي مصنف جي
انداز فڪر جو نتيجو آهن - قائداعظم اڪيڊمي يا ٻيو ڪو
ٻيو ادارو انجو ذميوار نه آهي

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ١ | پيش لفظ | ٧ |
| ٢ | مهاڳ | ٩ |
| ٣ | حرفِ اوّل | ١٢ |
| ٤ | ابتدائي زندگي | ١٦ |
| ٥ | سياسي لاڙن جو پسِ منظر | ٢١ |
| ٦ | پارليامينٽري دَور | ٣١ |

| | | |
|---|---|---|
| ۷ | جناح، ڪانگريس ۽ مسلم ليگ | ۳۹ |
| ۸ | جناح ۽ هندو مسلم ٺاهه | ۵۸ |
| ۹ | جناح ۽ مسلم اتحاد | ۷۵ |
| ۱۰ | مسلم ليگ جو نئون جياپو | ۸۹ |
| ۱۱ | پاڪستان جي گهر ۽ انجو پس منظر | ۱۱۵ |
| ۱۲ | پاڪستان ڏانهن اڳڀرتي قدم | ۱۳۱ |
| ۱۳ | قائداعظم ۽ پاڪستان جو استحڪام | ۱۶۰ |
| ۱۴ | حرف آخر | ۱۶۶ |
| ۱۵ | ڏسڻي | ۱۷۲ |

# پيش لفظ

قائداعظم جي حياتي ۽ خدمتن جي باري ۾ گذريل چاليهن سالن ۾ ڪيترائي ڪتاب لکجي چڪا آهن. انهن مان اڪثر ڪتاب بنيادي ماخذ جي حيثيت پڻ رکن ٿا، پر تنهن هوندي به قائداعظم جي باري ۾ تمام گهڻي تحقيق ۽ تشريح جي گنجائش موجود آهي. اسانجي قومي گهرجن خاص ڪري نئين ٽهيءَ جي ذهني لاڙن کي نظر ۾ رکي هڪ اهڙي ڪتاب جي ضرورت گهڻي وقت کان محسوس ڪئي پئي وڃي، جيڪا قائداعظم جي جامع، مدلل ۽ چٽي تصوير کي نروار ڪري سگهي.

قائداعظم جا فڪر ۽ خيال، قومي جدوجهد ۽ حياتيءَ جي احوال کي ترتيب ڏيڻ، پڌرو ڪرڻ ۽ انجي وڏي پيماني تي مشهوري ۽ اشاعت، قائداعظم اڪيڊمي جي مقصدن ۾ شامل آهي. انهيءَ ڏس ۾ اڪيڊمي نهايت مختصر وقت ۾، ذڪر جوڳو قدم وڌايو آهي ۽ ڪيترائي اهڙا سوانحي ۽ تشريحي ڪتاب شايع ڪرايا آهن، جن مان محققن سان گڏ عام ماڻهو به فائدو حاصل ڪري سگهن ٿا. پروفيسر شريف المجاهد جو ڪتاب ”قائداعظم حيات ۽ خدمات“ جو سنڌي ترجمو به انهيءَ سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. ترجمو تمام سولو ۽ روان ڪيو

ريو آهي ته جيئن پڙهندڙ ڪٿي به ڪنهن لفظي، معنوي يا واقعاتي مونجهاري جو شڪار نه ٿئي.

هن ڪتاب ۾ قائداعظم جي حياتيءَ خد متن ڪي انهيءَ مقصد سان پروفيسر شريف المجاهد مختصر نموني هڪ هنڌ ڪٺو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ته جيئن نئين ٽهي، خاص ڪري ڪاليج ۽ يونيورسٽي جا شاگرد، هن حقيقت کي پليءَ پت پروڙي سگهن ته قائداعظم جون ڪهڙيون ڪهڙيون خد متون هيون، جن جي بنياد تي، ويهين صديءَ جي چوٿين ۽ پنجين ڏهاڪي ۾ هو ننڍي کنڊ ڏکڻ ايشيا جو نه رڳو ڳهڻ ڳهر واڳواڻ بڻجي اڀريو، پر سندس اڳواڻي هيٺ هندوستان جا مسلمان پاڻ ۾ شيهي جي ديوار وانگر متحد ۽ منظم ٿي پيا.

پروفيسر شريف المجاهد جي هيءَ تصنيف پنهنجي نوعيت جي لحاظ کان هڪ عام فهم سوانحي ۽ تجزياتي ڪتاب آهي، جيڪو نهايت وسيع ۽ گنڀير مطالعي تي ٻڌل محققانه ۽ معروضي نقطي نگاهه جو عڪس آهي. مونکي پڪ آهي ته هن موضوع تي هي ڪتاب نهايت مفيد ثابت ٿيندو.

| | |
|---|---|
| مسعود نبي نور | اسلام آباد |
| چيئرمين | ١٠- صفر المظفر ١٤٠٣هه |
| ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي قائداعظم اڪيڊمي | ١٦- نومبر ١٩٨٢ع |

# مهاڳ

قائداعظم جي هڪ مڪمل، مبسوط ۽ جامع سوانح جنهن کي حرفِ آخر سمجهيو وڃي، تنهن کي ڏسڻ لاءِ اڃا نگاهون منتظر آهن، پر تنهن هوندي به قائداعظم جي شخصيت سندس اڳواٽ جي اندازي، اڻانجي وسعت ۽ سندس صفتن جي ڪن تنقيدي رخن کي نروار ڪرڻ جي راهه ۾ ٿوري ڪي گهٽي ڪوشش ضرور ٿي آهي. انهيءَ ڏس ۾ قائداعظم اڪيڊميءَ جي سهاري هيٺ ١٩٨١ع ۾ ڪرم حيدريءَ جو شائع ٿيل ڪتاب "ملت ڪا پاسبان" جيئن بنياديءَ معلومات تي ٻڌل پهرين مستند سوانح آهي، اهڙي طرح "قائداعظم جناح - اسٽڊيز ان انٽرپريٽيشن" جيئن ان جي نالي مان پڌرو ٿو ٿئي، اهڙو ڪتاب آهي، جنهن ۾ نه رڳو قائداعظم جي سياسي زندگي ۾ پيش ايندڙ پيچيده ۽ حل طلب مسئلن تي بحث ڪيل آهي، پر پهريون ڀيرو انهن ڳوڙهن ۽ گهڻ رخن مسئلن ڪي حل ۽ تجزيي جي بنياد تي مجموعي خاڪي ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. ان کان سواءِ اڪيڊميءَ به ضخيم ۽ تشريحي ڪتاب (١٩٧٨ - ١٩٧٩ع) ۽ هڪ جامع واقعاتي جدولي ڪتاب (١٩٨١ع) پڻ شايع ڪيا آهن. اهي مڙئي ڪتاب جناح صاحب تي ڪم ڪندڙن لاءِ مددگار ۽ مفيد تحقيقي مواد ثابت

ٿي سگهن ٿا.

هڪ جائزي موجب هن وقت تائين قائداعظم تي انگريزيءَ ۾ ٧٠ ۽ اُردوءَ ۾ ٤٩ ڪتاب شايع ٿي چُڪا آهن. انهن مان رڳو انگريزيءَ ۾ ١٤ ڪتاب اهڙا آهن جن ۾ تخليقي صلاحيتن کان ڪم ورتو ويو آهي. جڏهن ته اُردوءَ ۾ اهڙن ڪتابن جو ڳاڻاٽو گهٽ آهي. سنڌي زبان ۾ هن موضوع تي چڻ ته ڪو ڪتاب آهي ئي ڪونه. ان ڪري قائداعظم جي هڪ اهڙي مختصر سوانح عمريءَ جي ضرورت گهڻي وقت کان محسوس ڪئي پئي ويئي، جنهن ۾ سندس زندگيءَ جا سمورا اهم واقعا نه رڳو سُهڻي نموني، قاعدي ۽ ترتيب سان، پر مختصر تفصيل سان اهڙي طرح بيان ڪيل هجن، جنهن سببان قائداعظم جي سوچ ۽ سياست جي اوسر ۽ واڌاري جي هڪ سلسليوار ۽ ترتيبوار ڪهاڻي ئي سامهون نه اچي پر اها برِاعظم هندوستان ۾ مسلم سياست جي اوسر ۽ هندوستان جي مسلمانن جي نشاة ثانيه، نئين سر عروج ۽ پاڪستان حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ سندن فاتحانه پيش قدمي جو داستان پڻ هجي. هي ڪتاب انهيءَ ضرورت کي پوري ڪرڻ جي هڪ مخلصانه ڪوشش آهي.

ڏکڻ ايشيا ۾ جيڪي سوانح عمريون لکيون وڃن ٿيون، انهن ۾ عام طور هڪ اوڻائي ضرور هوندي آهي ته ليکڪ توڙي مرتب ان بنيادي اصول کي وساري ڇڏيندا آهن ته هڪ سرگذشت کي ثانوي طور تي هڪ عهد جي سياسي تاريخ هجڻ کپي، جڏهن ته اصل ڏيان ان دور جي حالتن

۽ واقعن جي بدران ان شخص تي ڏيڍ گهر جي جنهن جي سوانح عمري لکي پئي وڃي - اسانجي سموري ڪوشش اها رهي آهي ته انهن ٻنهي انتهائن جي وچ ۾ توازن ڪي قائم رکيو وڃي ۽ تنهن هوندي به جتي اها ضرورت محسوس ڪئي وئي آهي ته جناح صاحب جي رويي ۽ انداز فڪر، قدم ۽ جوابي قدم کي گهٽي يا گهڻي مفصل بامعني ۽ بامقصد بيان ڪيو آهي. مطلب ته اها ڪوشش ڪئي وئي آهي ته هن ڪتاب ۾ جناح صاحب جي زندگيءَ جي داستان کي آزادي ۽ هندوستان جي ورهاڱي ڏانهن هندوستاني سياست جي پيش قدمي جي سلسلي ۾ تاريخي پس منظر ۾ نئين سر هڪ بنيادي ڪردار جي حيثيت ۾ پيش ڪجي.

هن ڪتاب جو سنڌي ترجمو غلام رسول سومري ڪيو آهي - ڪريم بخش خالد ترجمي کي پيهر ڏٺو ۽ پڙهيو ۽ ان جي اصلاح ڪئي - مان ٻنهي صاحبن جو ٿورائتو آهيان ۽ پر ڪتاب ۾ جيڪڏهن ڪا خامي يا گهٽتائي آهي ته ان جي سموري ذميواري ڪتاب جي مصنف تي آهي.

آخر ۾ هن ڪتاب ۽ ان جي ڇپائيندڙ جي باري ۾ به هڪ وضاحت ڪرڻ ضروري آهي ته هن ڪتاب ۾ جن خيالن، نظرين ۽ وضاحتن ۽ تشريحن کان ڪم ورتو ويو آهي، اهي مڪمل طور ليکڪ جي انداز فڪر جو نتيجو آهن. قائداعظم اڪيڊمي يا ٻيو ڪو ادارو ان جو ذميوار نه آهي.

١٤ - آگسٽ ١٩٨٣ع

شريف المجاهد

# حرفِ اوّل

تاريخ جي ڪسوٽيءَ تي جيڪڏهن پرکجي ته هيءُ حقيقت بالڪل واضح نظر ايندي ته قائداعظم پنهنجي ڏکيءَ تمام مصروف زندگي (١٩٠٥ کان ١٩٤٨ع) ۾ جيڪي ڪارناما سرانجام ڏنا آهن، انهن سڀني ۾ استقلال پاڪستان سڀ کان عظيم الشان ڪارنامو آهي. قائداعظم جي زندگي گهڻ رخي ۽ گوناگون هئي. سندس حياتي هنگامه خيزين سان ڀرپور هئي ۽ وک وک تي فتح ۽ نصرت سندس قدمن کي چهندي هئي. انهن بيشمار ڪاميابين ۾ پاڪستان قائم ٿيڻ، بهرحال سندس سڀ کان وڏي ڪاميابي هئي. هن پنهنجي حياتيءَ ۾ مختلف حيثيتن سان، مختلف دورن ۽ مرحلن ۾ مختلف فرائض نهايت حسن ۽ خوبيءَ سان نڀايا. هندوستان هلندڙ صدي جي پهرين اڌ ۾ جيڪي عظيم ناليوارا قانون دان پيدا ڪيا، قائداعظم انهن مان هڪ هو. هو واقعي جامع ڪمالات شخصيت هو. ڪيس هندو مسلم اتحاد جو سفير ڪوٺيو ويو. هن قانون سازيءَ جي ميدان ۾ پنهنجي عظمت کي مڃايو.

پارليامينٽرين جي حيثيت ۾ هن جو ڪوئي ثاني نه هو. سياستدان جي روپ ۾ هن جو شان سڀ کان نرالو هو. آزاديءَ جي مجاهد جي ڪردار ۾ سندس اڻ ٿڪ جوش و خروش بيمثل

هو. عوامي رهنما جي حيثيت ۾ سندس بلند همتي ۽ جوش ۽ جذبو به پنهنجو مٽ پاڻ هو. سياست جي ميدان ۾ حڪمت عمليءَ جو اهڙو ته ماهر هو جهڙو بسمارڪ سان ڪلهي سان ڪلهو ملائي بيٺو آهي. سڀ ڪان وڏي ڳالهه ته هو هر لحاظ ڪان هڪ جامع ۽ مڪمل طور تي قوم جو معمار هو. پنهنجي شخصيت جي انهيءَ روپ ۾ هو واشنگٽن ، بسمارڪ ڪيور ، گيريبالڊي ، لينن ، اتاترڪ ۽ ؟ جهڙن جديد زماني جي جڳ مشهور شخصيتن جي مٽ هو. پر قائداعظم کي جيڪا ڳالهه انهن سڀني ڪان مٿاهون ۽ مختلف بڻائي ٿي سا هي آهي ته دُنيا جي انهن عظيم اڳواڻن روايتي طور تي مڪمل ۽ جاتل سڃاتل قومن جي اڳواڻي ڪري ڪين آزاديءَ سان همڪنار ڪيو ، مگر قائداعظم هڪ اهڙي ڇڙوڇڙ ۽ بدحال اقليت کي هڪ هنڌ ڪٺو ڪري ، ان کي نه رڳو پنهنجي جُدا قوميت جو احساس ڏياريو ، پر ان کي هڪ قوم جي قالب ۾ سموئي ڇڏيو. ان ڪانسواءِ ، انهيءَ نئين دريافت ڪيل قوم کي هڪ جدا جاگرافيائي وجود حاصل ڪرڻ جي جذبي سان سرشار ڪيو ۽ پاڪستان جي مطالبي کي هندوستان جي مسلمانن جي زندگيءَ جو هڪ اعليٰ ۽ ارفع مقصد بڻائي ان قوم جي آزاديءَ جي راهه ۾ رهنمائي ڪئي ۽ نيٺ ان جي لاءِ نه رڳو هڪ وطن حاصل ڪيو ، پر نهايت ڏکين خطرناڪ ۽ ڪٺن حالتن ۾ ان نئين وجود ورتل قوم جي بقاءُ ۽ حياتي کي محفوظ پڻ بڻايو.

وقت ۽ حالتن جي تناظر ۾ جيڪڏهن ڏسجي ته اها چئو

طرفي ڪاميابي جناح صاحب جي قائدانه صلاحيتن جو معجزو
هئي. هو پنهنجي عملي زندگي جي ٽيهارو ورهين تائين
ٻين ڪيترن ئي رهنمائن مان هڪ رهنما جي حيثيت سان
قائدانه ڪردار ادا ڪندو رهيو. ورهي ١٩٣٧ع کان پوءِ هو هندستان
جي مسلمانن جي هڪ مڃيل ۽ محبوب اڳواڻ جي حيثيت سان
پڌرو ٿي سامهون آيو. اهڙي حيثيت ۾ گهٽوٽو هو ٽيهن
سالن تائين هندوستان جي مسلمانن جي معاملن ۽ مسئلن
جي نگراني ۽ رهنمائي پئي ڪندو رهيو. لڳاتار ٽيهه سال
هو نه رڳو مسلمانن جي جائز ۽ قانوني اُمنگن، خواهشن ۽ پُراڻن
خوابن جي ترجماني ڪندو رهيو پر ڪين ميل ميلاپ، اتفاق
۽ مقصديت سان همڪنار پڻ ڪندو رهيو. انهن ٽيهن ورهين
تائين هو هندوستان جي مسلمانن جي ڪل خواهشن، ضرورتن
۽ گهرجن کي ٺوس مطالبن جي شڪل ۾ پيش ڪندو رهيو.
نه رڳو ايترو پر ان سان گڏوگڏ انهن ٽيهن ورهين جي عرصي
۾ جناح صاحب انهن مٿين مطالبن کي مسلمانن جي ٻنهي
مخالف ڌرين کان مڃائڻ جي سلسلي ۾ ڪوشش ۽ ڪاوش ۾
ٻه ڏينهن رات ٻڌل رهيو. انهن ڌرين مان هڪ هئي حڪمران
ڌر يعني انگريز ۽ ٻي هئي گهڻائي واري ڌر، جيڪا وڏيڪ
اثر ۽ رسوخ واري ۽ سياسي لحاظ کان به گهڻو منظم ۽ وڏيڪ
طاقتور هئي، يعني هندو. اهڙي طرح هو لڳاتار ٽيهن
ورهين تائين برِاعظم هندوستان جي مسلمانن جي لاءِ عزت
آبرو سان زنده رهڻ واري پيدائشي حق کي مڃائڻ لاءِ
سورهين وانگر ميدان ۾ مقابلا ڪندو رهيو.

اِهي ئي اُهي سبب آهن جن جي ڪري جناح صاحب جي حياتيءَ جو داستان هڪ فرد جو داستان نہ آهي، پر اهو هندوستان جي مسلمانن جي پيهر جياپي وٺڻ ۽ هڪ قوم جي حيثيت سان انهن جي استحڪام ۽ استقامت، شان ۽ شوڪت سان ۽ پوري قوت سان اُڀرڻ جو داستان بہ آهي.

# شروعاتي زندگي

## (١٨٧٦ع کان ١٩٠٥ع)

١٨٥٧ع اهو سال آهي، جڏهن هندستان ۾ انگريزي راڄ خلاف غدر برپا ٿيو. انهيءَ فساد ۽ هنگامي کي برطانوي ليکڪ ۽ اخبارون غلط رنگ ڏئي ’بغاوت‘ سان تعبير ڪندا آهن. جڏهن ته سنڌي ڪند پاڪستان ۽ هندستان جا ماڻهو انهيءَ سان محبت ۽ عقيدت وچان ”آزاديءَ جي پهرين جنگ“ جي نسبت سان ڪندا آهن. جيتوڻيڪ انهيءَ آزاديءَ جي جنگ تمام تکڙ ۽ شدت سان اتر هندستان کي پنهنجي لپيٽ ۾ آندو، پر نيٺ انگريزي راڄ جي طاقت ۽ فوجي برتريءَ جي مقابلي ۾ ان کي ناڪامي ۽ نامراديءَ جو مُنهن ڏسڻو پيو. مسلمانن لاءِ انهيءَ ناڪاميءَ جا نتيجا بي حد خوفناڪ ۽ هاڃيڪار ثابت ٿيا. هو سياسي قوت کان محروم ٿي سنڌي ڪند هندستان ۾ پنهنجي طويل تاريخ ۾ پهريون ڀيرو محڪوم ۽ غلام بڻجي پيا. ١٨٥٧ع واري آزاديءَ جي جنگ ۾ ڇاڪاڻ ته مسلمان ئي اڳيرا هئا، تنهنڪري ان جي بدلي طور ڪين مختلف طريقن سان انتقام جو نشانو بڻايو ويو. مٿن ڪوڙا ڪيس مڙهيا ويا، ڪين ڦاسيون ڏنيون ويون ۽ مٿن ڳرا ڏنڊ پڻ وڌا ويا ۽ اهڙين انتقامي ڪاررواين جو نتيجو اهو نڪتو جو هندستان جا مسلمان، قوم جي حيثيت

۾ تمام گهڻو مايوسي ۽ نامرادي ۽ بدحالي جي پاڇولن ۾ پڌندار هيا.

اهڙي صورتحال مان، جنهن جو بيان نه ڪرڻ ئي بهتر آهي، آجو ٿي هڪ منظم قوم جي حيثيت ۾ مسلمانن جي اُڀرڻ جو داستان گهڻو ڏکو آهي، ليڪن انهي ڏس ۾ پهريون قدم سرسيد احمد خان (١٨١٧ع کان ١٨٩٨ع) کنيو. هن انگريزن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ پيدا ٿيل بداعتمادي جي خاتمي ۽ مفاهمت جي فضا پيدا ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪئي ۽ ان سان گڏ هن سماجي سڌارن تي زور ڏنو. پنهنجي هم مذهب ڀائرن کي ذلت، بدحالي ۽ ناڪامي واري حالت مان نڪرڻ خاطر کين جديد تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ شوق ڏياريو. مسلمانن لاءِ هن جيڪو تعليمي پروگرام تيار ڪيو هو ان کي آخري ۽ ٺوس شڪل ۾ ڪتب آڻڻ لاءِ علي ڳڙهه ۾ مئي ١٨٧٣ع ۽ جنوري ١٨٧٧ع ۾ ترتيبوار هڪ اسڪول ۽ ڪاليج قائم ڪيا.

علي ڳڙهه ڪاليج قائم ٿيڻ کان ٻه هفتا اڳ ٢٥ ڊسمبر ١٨٧٦ع ۾ ڪراچيءَ ۾ محمد علي جناح جنم ورتو جيڪو ٺيڪ ستر سال گذرڻ بعد مسلمانن جي سياسي بحالي ۽ نئين ملڪ ۾ مسلمانن جي نئين سر جيا پيءِ سان واسطو رکندڙ سر سيد احمد خان جي مشن کي مڪمل طور پايهء تڪميل تي پهچائڻ جو وسيلو ۽ سبب بڻيو. قائداعظم محمد علي جناح هڪ ممتاز واپاري گهراڻي جو فرزند هو. سندس والد راجڪوٽ جو واپاري هو ۽ ڪڇ ورهيه ٿيا جو هو ڪراچي ۾ اچي آباد ٿيو هو. جناح جو ٻالڪپڻو ۽ تعليم ۽ تربيب، سندس جيڏن کان ڪا مختلف نه هئي پر شروعات

ڪان ٿي هو پنهنجي نفاست پسندي، جرئت ۽ بي باڪي، صاف گوئي، عزم ۽ همت ۽ قائدانه صلاحيتن جي ڪري مٿن نٿي جيڏن کان مٿيرو نظر ايندو هو. ڪراچي ۾ سنڌ مدرسة الاسلام ۽ ڪرسچن مشنري سوسائٽي هاءِ اسڪول مان تعليم حاصل ڪرڻ کانپوءِ جڏهن هو اڃا سورهن سالن جو هو ته گراهمس شپنگ اينڊ ٽريڊنگ ڪمپني ۾ بزنس ايڊمنسٽريشن جي سکيا وٺڻ لاءِ لنڊن روانو ٿي ويو، پر لنڊن وڃي هن اهڙي قسم جي سکيا وٺڻ بدران پنهنجي وڪيل بڻجڻ واري پراڻي خواهش کي پوري ڪرڻ جو پڪو پهه ڪيو ۽ پنهنجي ليکي لنڪنز ان ۾ داخل ٿيو. ٽن ورهين کانپوءِ سند حاصل ڪري هو سڀ کان ننڍي ڄمار جو هندوستاني بئرسٽر بڻيو.

١٨٩٦ع ۾ قائداعظم هندوستان موٽي آيو ۽ ڪراچيءَ ۾ اچي پريڪٽس شروع ڪيائين، پر سنڌ سان شخصيت ۾ قانوني مقابلن ڪرڻ جو جوش ۽ جذبو موجود هو، تنهنڪري ڪراچيءَ جي ماتحت ڪورٽن جو ماحول هن لاءِ محدود هو. اها ڳالهه يقين سان چئي سگهجي ٿي ته انهن ڏينهن ۾ ئي ڏگهي نظر ۽ بلند حوصلو سندس شخصيت جا خاص جوهر هئا. اهوئي سبب هو جو قائداعظم ١٨٩٧ع ۾ ڪراچي ڇڏي بمبئي ۾ مستقل رهائش اختيار ڪئي، جتي هن پنهنجو نالو وڪيل جي حيثيت سان رجسٽر ڪرايو ۽ اهڙيءَ ريت هو ان بين الاقوامي نوعيت واري وڏي شهر ۾ هڪ اهم مسلمان بئرسٽر ٿيو. جيتوڻيڪ بمبئي ۾ رهڻ وارا پهريان ٽي سال جناح صاحب لاءِ سخت اٺا ڻنگا ثابت ٿيا، پر هن ڇاڪاڻ ته وڪالت جي ميدان ۾ ڪامياب ٿيڻ جو پڪو پهه

ڪيو هو. تنهنڪري سندس عمر ۾ ارادي ۾ ڪنهن قسم جي جنبش نه آئي. آهستي آهستي کيس ننڍا وڏا ڪيس ملڻ لڳا. پر ٽن سالن کانپوءِ ۱۹۰۰ع ۾ موڪلن سببان خالي ٿيندڙ هڪ عارضي آساميءَ تي پريزيڊينسي ماجسٽريٽ مقرر ٿيو. هن ڪچهي نوڪريءَ ڏانهن ٿي جناح صاحب جي شخصيت جا جوهر سيني جي اڳيان پڌرا ٿي پيا. تنهنڪري ان ملازمت ختم ٿيندي سئي کيس پندرهن سؤ رپيا ماهوار پگهار تي هڪ وڏي عهدي جي آڇ ٿي. پر انهيءَ آڇ جي جواب ۾ قائداعظم ايئن چئي انڪار ڪيو ته ايتري رقم ته هو هڪ ڏينهن ۾ ڪمائڻ جو ارادو رکي ٿي. تنهن کانپوءِ بار ۾ جناح جي ترقيءَ پيش رفت حيرت انگيز طور تي ٿي ۽ ۱۹۰۳ع تائين سندس ٻن هزار رپين تائين ماهانو آمدني وڃي پهتي. انهيءَ وچ ۾ هن پنهنجي خاندان جي معاملن کي چڱيءَ طرح سڌاريو ۽ منظم ڪيو. جيڪو برطانيه کان سنڌ واپس اچڻ وقت سخت مالي مشڪلات ۾ هو. تنهن کانپوءِ جلد ئي جناح صاحب ملڪ جي عدالتن ۾ ڪيسن جي پيروي ڪرڻ شروع ڪري ڏني ۽ تمام ٿوري وقت ۾ هو هندوستان جي ناليرن برک ديواني ۽ فوجداري وڪيلن ۾ شمار ٿيڻ لڳو. ان کان گهج وقت پوءِ جڏهن هن هلندڙ صديءَ جي چوٿين ڏهاڪي جي شروعات ۾ وري انگلستان ۾ رهائش اختيار ڪئي هئي تڏهن اتي پريوي ڪائونسل جي عدالتي ڪاميٽي جي اڳيان دليل ڏيڻ جو اعزاز پڻ حاصل ڪيو.

هڪ وڪيل جي حيثيت سان هم پيشي ماڻهن ۾ کيس وڏي قدر جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو. بمبئي جي هڪ

# سياسي لاڙن جو پس منظر

(١٩٠٥ع کان ١٩١٠ع)

ارڙهين صديءَ ڌاران مغربي واپارين ۽ تبليغي جماعتن ۽ نوآبادياتي قومن جي اچڻ سان ئي هندوستان ۾ نين ايجادن ۽ ترقيءَ جي شروعات ٿي اشرن پيرن جمائڻ شروع ڪيا. پرڏيهه کان آيل ڌارين ماڻهن پاڻ سان واپار، نوآبادياتي يلغار ۽ مغربي راڄ سان گڏو گڏ جديد علم، نوان تصور ۽ فڪري لاڙا آندا، پر ان سان گڏ پنهنجي علم ۽ فڪر ۽ خيالن کي رواج ۾ آڻڻ ۽ انهن جي اشاعت جي سلسلي ۾ مغربي طريقا ۽ اوزار به کڻي آيا. اهوئي سبب آهي جو ١٨٧٠ع تائين ڇپائيءَ ۽ ٽائيپ جي تياري ۽ استعمال، هندوستان جي غير سرڪاري ادارن ۾ مقبوليت ۽ توجهه حاصل ڪيو. پهرياٺين انگريزي اخبار جاري ڪئي وئي. تنهن کان پوءِ سٺيڪو سالن جي عرصي ۾ هندوستاني به صحافت جي ميدان ۾ داخل ٿيا ۽ انهن بنگالي، گجراتي، فارسي ۽ اُردوءَ جهڙين ڪيترن ئي هندوستاني زبانن ۾ اخبارون ڪڍيون. ان دور ۾ هندوستان ۾ هڪ سياسي نظام پڻ رائج ٿي چڪو هو. ٽيليگراف جي ايجاد به هندوستان ۾ پهچي چُڪي هئي. پهرين ريلوي لائين به وڇائي وئي هئي. اهي سڀئي اهڙا

اسباب هئا جن جي ڪري هندوستان جي مختلف علائقن کي طبعي طور هڪ ٻئي سان ملايو ويو. ساڳي وقت ڪلڪتي، بمبئي ۽ مدراس جهڙن پرڏيهي يديسي شهرن ۾ ڪيترائي اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيون قائم ٿيون ۽ اهڙي طرح تعليم جي نون طريقن جي هڪ مرڪزي بوٽي جو بنياد پيو. ١٨٥٧ع واري بغاوت جي ناڪامي سان گڏ پوري هندوستان تي برطانوي راڄ قائم ٿي چڪو هو تنهنڪري تعليمي، انتظامي ۽ عدالتي سطح تي ملڪ جي متحد ۽ مربوط ٿيڻ جو اهو عمل به مڪمل ٿيو، جيڪو هونئن ڪيترن ئي ورهين کان سست رفتاري سان جاري هو. انهن متن ئي ڳالهين جي ڪري نيٺ انهي پراڻي ۽ روايتي نظام جو مڪمل طور خاتمو ٿيو، ۽ ان ڍير تي نئين نظام جي عمارت ٻڌي. اهڙي طرح ١٨٥٧ع کانپوءِ هندستان وچين دور جي عهد مان نڪري جديد عهد ۾ داخل ٿيو.

نئين دور جون گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ هندو وڏي انگ ۾ هوندي به نفسياتي طور تيار ٿي ويا. ١٨٢٨ع ۾ راجا رام موهن راءِ (١٧٧٢ع کان ١٨٣٣ع) برهمڻ سماج جو پايو وڌو جيڪو انهي ڏس ۾ هڪ اهم سنگ ميل هو. انهي مقابلي ۾ هندستاني مسلمان جيڪي پنهنجي حڪومت جي خاتمي سبب مايوسي ۽ مونجهاري ۾ مبتلا هئا ۽ انهي ڪري نه رڳو فرنگين کي، پر سندن جديد تعليم کي به شڪ شبهي سان ڏسڻ لڳا هئا، سي نئين دور جي گهرجن کي پوري ڪرڻ لاءِ ان وقت سجاڳ ٿيا، جڏهن ١٨٥٧ع کانپوءِ جي تاريڪ دور ۾ ڪين سنگين ۽ تلخ حقائق سان منهن ڏيڻو پيو. هندوستان جي مسلمانن جي تاريخ جي

انهيءَ بيحد نازڪ دور ۾ سر سيد احمد خان انهن جو سپ کان وڏيڪ ناموري ۽ برک رهنما هو. ڪيس اهو چڱيءَ طرح معلوم هو ته هندوستان جنهن نئين دور ۾ داخل ٿي رهيو آهي تنهن جا مثبت پهلو ۽ گهڻ جون کهڙيون آهن - تنهنڪري هن مسلمانن تي طاري مايوسي، بي حسي ۽ لاتعلقيءَ جي ڪيفيت کي ختم ڪرڻ لاءِ هڪ گهڻ مقصدي پروگرام پيش ڪيو. ڊاڪٽر اشتياق حسين قريشيءَ جي چوڻ موجب "هن مسلمانن کي وچين زماني مان ڪڍي جديد عهد ۾ داخل ڪيو. هڪ پٺتي پيل قوم کي هن "ترقيءَ جي راهه تي گامزن ڪيو ته جيئن هو تڪڙو بدلجندڙ دنيا جي گهرجن کي پوري ڪرڻ جي قابل ٿي سگهي".

هي ءُ دَور جيئن ته مسلمانن جي زبون حاليءَ جو دور هو، تنهنڪري ضرورت هن ڳالهه جي هئي ته ١٨٦٠ع گذرڻ کانپوءِ تعليمي ۽ اقتصادي ميدان ۾ کين منظم ۽ مضبوط بڻايو وڃي. جيئن ته کين ١٨٥٧ع واري بلوي جو اڳواڻ ۽ اصل سبب سمجهيو پئي ويو، تنهنڪري انگريزن مٿن ڪنهن به قسم جو ڀروسو ڪونه ٿي ڪيو. اهو ئي سبب هو، جو ان دور جي مسلمانن کي سياست جي ميدان ۾ نهايت خاموش رهڻو پيو. ١٨٥٧ع کانپوءِ مسلمانن مٿان جيڪا قيامت گذري ۽ جنهن نفسياتي شڪست سان کين مُنهن ڏيڻو پيو هو، تنهن کانپوءِ هن قوم جي پيهر جيا پيءَ ۽ کين ـــــ نئين سر خود اعتمادي سان همڪنار ڪرڻ ۾ اهي ئي بنيادي عوامل هئا جن جي ڪري مسلمانن سر سيّد احمد خان جي آڇ تي انڊين نيشنل ڪانگريس

جنهن کي برطانوي پارليامينٽ جي هڪ نشست تي چونڊجي اچڻ جو منفرد اعزاز به حاصل هو. جناح صاحب جي زندگي جي شروعاتي جوڙجڪ وارن سالن ۾ دادا ڀائي نوروجي جي شخصيت جو گهرو اثر هو. اهو ئي سندس سياسي استاد ۽ رهنما پڻ هو. تنهن کانپوءِ ويهارو سالن جي عرصي ۾ ٽن ٻين سرڪرده ڪانگريسي اڳواڻن جي ڪري لبرل ازم ۽ ارتقائي سياست تي جناح صاحب جو يقين وڌيڪ پختو ٿي ويو. انهن اڳواڻن ۾ گوکلي، سر فيروز شاهه مهتا (١٨٤٥ع کان ١٩١٥ع) ۽ سريندرناٿ بينرجي (١٨٤٥ع کان ١٩٢٥ع) شامل هئا، انهن سڀني اڳواڻن سان جناح جا گهرا لاڳاپا هئا.

جناح جي زندگي ۽ شخصيت جي جوڙجڪ ۾ ٽيون وڏو هٿ بمبئي جي وايومنڊل جو به هو. هن بين الاقوامي شهر جي گهڻ رنگي زندگي ۽ انجو تجارتي ماحول لبرل خيالن جي اثرهيٺ به هو ته انجو اظهار پڻ. جناح صاحب پنهنجي حياتي ۽ جا ٽيهارو سال گذاري هاڻي ١٩٠٦ع جي پڇاڙي ۾ چوٿين ڏهاڪي ۾ داخل ٿي رهيو هو. بمبئي جو ماحول چرپر ۽ چتاپيٽي وارو هو، جتي پارسين جي هڪ ننڍڙي برادري واپار جي ميدان ۾ سڀني تي فوقيت حاصل ڪري 'بقائے اصلح' جو نمايان مثال بڻجي چڪي هئي. عددي اقليت، نسلي تعصب ۽ فرقيوارانه رڪاوٽن جي اڳيان بمبئي جو بين الاقوامي معاشرتي ماحول، همت مردان مدد خدا، عزم ۽ همت ۽ جد وجهد جي اهميت جو جيئرو جاڳندو مثال پڻ هو. ١٨٩٧ کان ١٩٠٣ع واري عرصي ۾ جناح صاحب جي ڊائرين جون داخلائون جيتوڻيڪ ڪنهن به

لحاظ کان مکمل ڪيئن، پر ان هوندي به انهن ۾ اهڙا اشارا اضر ور ملن ٿا ته سندس اصيلن ۾ پارسين جو چڱو خاصو تعداد هو. انڪري جيڪڏهن انهي ڳالهه خيال سان ڏٺو وڃي ته هن اڳتي هلي، رتن بائي سان شادي ڪئي ته اهو نتيجو ڪڍڻ نامناسب ناهي ته پارسين سان سندن لاڳاپا رڳو ڪاروباري مصلحتن ۽ ضرورتن تائين محدود نه هئا. تنهنڪري اهڙي فضا ۽ ماحول ۾ رڱجي رهڻ ۽ جناح صاحب پنهنجي ذاتي ترجيح ۽ سياسي فڪر سببان بدرالدين طيب جي (١٨٤٤ع کان ١٩٠٦ع) کان گهٽو مختلف نه هو. جيڪو پاڻ به هڪ ناليرو بئريسٽر، ڪانگريس جو سرڪرده اڳوڻو صدر ۽ بمبئي پريذيڊنسي ايسوسيئيشن جو بنيادي ميمبر هو. ساڳئي ايسوسيئيشن سان اڳتي هلي جناح صاحب به پنهنجا لاڳاپا قائم ڪيا. اهڙي ماحول ۽ صورتحال ۾ جيڪڏهن جناح صاحب سياست ۾ اچڻ لاءِ ڪانگريس ۾ شامل ٿيو ته اها ڪا تعجب جي ڳالهه ڪانهي، ڇاڪاڻ ته ڪانگريس ظاهري طور لبرل اصولن جي بنياد تي قائم ٿي هئي. اها مڙني فرقن جي وچ ۾ هڪجهڙائي ۽ برابري جو پرچار ڪندي هئي، ان هندستان کي آئيني طريقن سان خود اختيار حڪومت حاصل ڪرڻ جي راهه تي گامزن ڪرڻ جو عهد ڪيو هو.

قائداعظم جو ڪانگريس سان پهريون ۽ رسمي لاڳاپو سيپٽمبر ١٩٠٥ع ۾ ٿيو، جڏهن ڪيس بمبئي پريذيڊنسي ايسوسيئيشن، انگلستان ويندڙ وفد ۾ مهتا جي جاءِ تي ،

ڪانگريسي وفد جو هڪ رڪن نامزد ڪيو. اهو وفد گوکلي جي اڳواڻيءَ ۾ انهيءَ مقصد سان انگلستان موڪليو پئي ويو ته جيئن اتي وڃي خود مختيار حڪومت بابت هندستاني عوام جي خواهشن کي نهايت موثر ۽ معقول انداز ۾ پيش ڪري سگهجي. سياست ۾ جناح صاحب اها پهرين وک وڌي هئي. هن وفد جي هڪ رڪن جي حيثيت سان سندس نامزدگي، هڪ سياسي ترجمان جي حيثيت ۾ سندس انهن صلاحيتن جي اعتراف جو هڪ روشن مثال هو.

ڊسمبر ١٩٠٦ع تائين جناح صاحب ڪانگريس ۾ پنهنجي حيثيت مضبوط ڪندي نظر اچي ٿو. ايستائين جو کيس ڪانگريس جي صدر دادا ڀائي نوروجيءَ جو پرسنل سيڪريٽري نامزد ڪيو ويو ٿو. سياست جي اهڙن انگن لکن ۾ قدم رکڻ واري خواهشمند شخص لاءِ اهو هڪ منفرد اعزاز هو. عجب دلچسپ اتفاق آهي جو خود مختيار حڪومت جو تصور پهريون ڀيرو ڪلڪتي (١٩٠٦ع) ۾ ڪانگريس جي اجلاس ۾ پيش ڪيو ويو، جنهن ۾ جناح صاحب پنهنجي اها پهرين سياسي تقرير ڪئي ۽ اها به خود اختياري حڪومت جي ٺهراءَ جي تائيد ۾. ٻن سالن کانپوءِ کيس ڪانگريس جي مدراس واري اجلاس ۾ آل انڊيا ڪانگريس ڪاميٽي جو ميمبر چونڊيو ويو. انهيءَ دوران، جناح صاحب جي اهميت ۽ حيثيت به مڃجڻ لڳي. جنوري ١٩٠٧ع ۾ کيس 'انڊين مسلمان ايسوسيئيشن' جو نائب صدر چونڊيو ويو. انهيءَ ايسوسيئيشن جو پايو ڪلڪتي ۾ سڏايل هڪ اجلاس

۾ پيو- اها جماعت به ڪانگريس جي حامي هئي ۽ ٻين فرقن سان گڏ جي هندوستاني عوام جي سياسي ۽ اقتصادي ترقي لاءِ ڪم ڪرڻ به سندس اغراض ۽ مقاصد ۾ شامل هو- پر ان جماعت جو اصل مقصد مسلمانن جي اهم مسئلن کي حل ڪرڻ، انهن جي شڪايتن دور ڪرڻ جون تدبيرون عمل ۾ آڻڻ ۽ انهن جي مفاد جي حفاظت ڪرڻ هو- اهو سا ڳيو ئي زمانو آهي، جڏهن 'انجمن ضياءُ الاسلامُ' سان به سندس گهاٽو لاڳاپو پيدا ٿيو - هي ئ انجمن شايد بمبئي ۾ مسلمانن جي سڀ کان پهرين مذهبي ۽ سياسي جماعت هئي-

جناح صاحب فيبروري ١٩٠٧ع ۾ ان انجمن جي مجلس عامله جو رڪن چونڊيو ويو- انهي ئ چونڊ کان ٻه سال پوءِ آگسٽ ١٩٠٩ع ۾ انجمن جي هڪ عام جلسي ۾ هن اهو اهم ٺهراءُ پيش ڪيو جنهن ۾ سرڪار کان گهر ڪئي وئي هئي ته جدا چونڊن جي بنياد تي ڪائونسل جون جيڪي چونڊون ٿينديون آهن انهن لاءِ مسلمانن جي انتخابي حلقن قائم ڪرڻ جي سلسلي ۾ مسلمان اڳواڻن سان صلاح مشورو ڪيو وڃي - ياد رهي ته انهي ئ وقت جن تجويز ڪيل سڌارن جي نفاذ جي گهٽي چرچو هئي، انهن ۾ جدا چونڊن ڪرائڻ جي اصولن کي شامل ڪرڻ جي ڳالهه عام ٿي چڪي هئي- ان مان هي ڳالهه ظاهر ٿي ٿئي ته انوقت تائين جناح صاحب شروعات ۾ جدا چونڊن جي جيڪا مخالفت ڪندو هو تنهن کي هاڻي ترڪ ڪري چڪو هو-

# پارليامينٽري دَور

(١٩١٠ع کان ١٩٤٧ع)

١٩١٠ع کان جناح صاحب جي ڊگهي پارليامينٽري زندگي جي شروعات انوقت ٿي جڏهن بمبئي جي مسلمانن کيس نئين سر تشڪيل ڏنل امپيريل ليجسليٽو ڪائونسل جو رڪن چونڊيو هو، جيڪا ١٩٠٩ع جي ايڪٽ موجب قائم ڪئي وئي هئي. هن صدي جي پٺئين ڏهاڪي (١٩٢٠ع کان ١٩٣٤ع) ۽ چوٿين ڏهاڪي جي شروعات (١٩٣١ع کان ١٩٣٤ع) وارن مختصر وقفن کي ڇڏي، هو مرڪزي قانون ساز مجلس جو مستقل رڪن رهيو. ايستائين جو ١٩٤٧ع ۾ هندوستان جي آزاد ٿيڻ سان اها مجلس ختم ٿي وئي.

هڪ پارليامينٽرين جي حيثيت ۾ ڪو گهٽ ماڻهو جناح جي مٽ هئا. سندس فڪر جي آزادي، ديانتداري، بحث ۽ مباحثي ۽ مناظري جي صلاحيتون، استدلال جي قوت، خطابت جو موهيندڙ انداز ۽ بي پناهه حاضرجوابي، اهڙيون صفتون هيون جن جي ڪري هو اسيمبلي جو نهايت قابل رشڪ ۽ نهايت قابلِ احترام رڪن هو ۽ سندس ديد پوهرهڪ شخص جي دل تي ويٺل هو. نه رڳو ايترو پر هو پنهنجي زماني

جو انتهائي سرگرد و پارليامينٽرين پڻ هو- آزادانه اندازِ فڪر واري خوبي ۾ وصف جي ڪري هو ڪائونسل ۾ ۽ اسيمبلي چيمبر ۾ سڀ کان ممتاز ۽ نمايان نظر ايندو هو- پنهنجي انهيءَ اندازِ فڪر کان ڪم وٺندي هو ڪائونسل ۾ پيش ٿيندڙ مسئلن کي سهڻي نموني منهن ڏيندو هو. انهيءَ خصوصيت ڪيس هيءُ خاص جوهر پڻ عطا ڪيو هو. جنهن جي ڪري هر انهيءَ قدم جي حمايت پڌري ۽ صاف نموني ۾ ڪندو هو جيڪو هندوستان جي مفاد ۾ هوندو هو (ڀلي اهو سرڪاري ميمبرن جي طرفان پيش ڪيل هجي يا غيرسرڪاري ميمبرن يا ٻنهي سان گڏ وگڏ هو) هر انهيءَ قدم جي ڪليل مخالفت پڻ ڪندو هو جيڪو سندس خيال موجب هندوستان جي مفاد ۾ نه هوندو هو. انهيءَ معاملي ۾ هو اها به تڪ تور نه ڪندو هو ته مذڪوره اقدام جو واسطو مسلمانن سان آهي يا نه- مطلب ته مڙني ترقي پسندانه اقدامن کي سندس ڀرپور ۽ بي باڪانه نموني ۾ حمايت حاصل هوندي هئي- اهڙي ريت ڏٺو وڃي ته ڪائونسل جي رڪن جي حيثيت سان سندس اوائلي دور نهايت متاثر ڪندڙ ۽ هر لحاظ کان بي داغ هو- هن ڏکڻ آفريڪا ۾ آباد هندوستانين جي مطالبن ۽ مفاد جي حمايت ڪئي (فيبروري ١٩١٠ع) پوليٽيڪل ڪاليج قائم ڪرڻ جي حمايت ڪئي (مارچ ١٩١٠ع) هندوستان ۾ پوليس ايڊمنسٽريشن جي معاملات جي جانچ جاچ لاءِ ڪاميٽي جي مقرر ڪرڻ جي حمايت ڪئي (١٩١٢ع) ۽ هندن طرفان پيش ڪيل شادي واري خاص ترميمي بل کي منظور ڪرڻ جي حمايت ڪئي (١٩١١ع - ١٩١٢ع) هي بل پوپنڊرناٿ باسو

طرفان پيش ڪيو ويو هو. ان کان سواءِ جناح صاحب گوکلي صاحب پاران پيش ڪيل بنيادي تعليمي بل جي پڻ حمايت ڪئي (۱۹۱۲ع)، ساڳي وقت هن وقف عليٰ الاولاد جي باري ۾ پنهنجو هڪ بل پيش ڪيو. ڪنهن غير سرڪاري ميمبر جو پيش ڪيل اهو پهريون بل هو جنهن کي قانون ساز مجلس منظور ڪيو.

پنهنجي انهيءَ معقوليت پسنديءَ ۽ آزاد روش سببان هو مختلف اقدام جي          خوبين ۽ خرابين جي حمايت ۽ مخالفت ڪندو هو. اهوئي سبب آهي جو مختلف سرڪاري اقدام تي سندس تنقيد يا مذمت رڳو مخالفت جي ناليءَ ۾ مخالفت يا ڪنهن دشمنيءَ ڪري مخالفت نه هوندي هئي، ڇاڪاڻ ته هو رڳو اهڙي قسم جي پاليسين جي مخالفت يا مذمت ڪندو هو، جيڪي هندوستان جي مفاد جي خلاف هونديون هيون. مثال طور فوجداري قانون جي ۱۹۱۹ع واري ترميمي بل (جيڪو رولٽ ايڪٽ جي نالي سان مشهور هو) جي نهايت شدمد سان مذمت ڪندي هن چيو، "مان حڪومت مٿان بنا ڪنهن دٻ جي ۽ کلي طرح تنقيد ڪرڻ جو قائل آهيان، پر ان سان گڏ هن ڳالهه کي به ڀلي ڀت ڄاڻان ٿو ته هر تعليم يافته ماڻهو جو اهو فرض آهي ته جڏهن حڪومت صحيح رستي تي هجي ته ان جي حمايت ۽ ان سان سهڪار ڪري."

جناح صاحب ڪڏهن به اختيار ۽ اقتدار وارن جي آڏو جهڪڻ ۽ انهن جي دٻاءَ ۾ اچڻ سکيو ئي ڪونه هو. استلندو

هميشه حالتن جي تقاضا مطابق هو انهن سان منهن مقابل ٿيڻ جو ڪو موقعو نه وڃائيندو هو - هيءَ ١٩١٠ع جي ڳالهه آهي جڏهن هو قانون ساز مجلس ۾ نئون نئون چونڊجي آيو، پر تنهن هوندي به هن وڏي جرئت جو مظاهرو ڪيو - هن ايوان ۾ ڪند مٿي ڪري وڏي دٻدٻي سان پنهنجي منشا مراد پيش ڪرڻ جو هڪ اعليٰ معيار پيش ڪيو.

INDENTURED LABOUR FOR NATAL بابت پيش ڪيل ٺهراءَ جي حمايت ڪندي، جناح صاحب انهن ظالمانه ۽ سخت رويي خلاف نهايت زوردار تقرير ڪئي، جيڪو ڏکڻ آفريڪا ۾ هندوستانين سان روا رکيو پئي ويو ۽ جنهن جي ڪري هندوستان جي مٿي طبقن جا جذبا ڀڙڪي اٿيا هئا - هندوستان جي وائسراءِ لارڊ منٽو برطانوي سلطنت جي هڪ دوست حصي جي باري ۾ 'ظالمانه' لفظ جي استعمال تي اعتراض ڪندي جناح صاحب کي چيو ته "هو مجلس جي آداب جو لحاظ ڪندي لفظن جو استعمال ڪري". انهيءَ تي جناح صاحب صاف صاف لفظن ۾ وراڻيو ته "ماءِ لارڊ! منهنجي دل ٿي چوي ته مان ان کان به وڌيڪ سخت لفظ استعمال ڪريان، پر مان هن ايوان جي ترڪيبي جوڙجڪ کان به پلي پيت واقف آهيان ۽ ان جي دائري کان ٻاهر نڪرڻ نٿو چاهيان - تاهم مان ٻيهر اصرار ٿو ڪريان ته جنهن قسم جو سلوڪ هندوستانين سان ڪيو وڃي ٿو اهو ايڏو ته سنگين نوعيت جو آهي، جنهن جو تصور ڪرڻ به محال آهي ۽ جيئن آءٌ اڳ چئي چڪو آهيان ته انهيءَ معاملي ۾ سڄي

ملڪ جا احساس هڪ جهڙا آهن.“

هڪ پارليامينٽرين جي حيثيت ۾ جناح صاحب جي پهرين ڪاميابي مان هڪ ڪاميابي وقف علي الاولاد بل جي منظوري آهي. اهو بل هن پنهنجي سر قانون ساز مجلس آڏو پيش ڪيو هو. انهي بل تي مجلس جي غور ڪرڻ مان ٿي سندس ذهانت ۽ دانائي جو مظاهرو ٿئي ٿو. جنهن ڪان ڪمروٽي هن اهڙي منجهيل ۽ تڪراري بل کي منظور ڪرايو. ساڳي وقت اها ڪاميابي هن ڳالهه جو پڪو دليل آهي ته هو مسلم قانونن جي پوري ڄاڻ رکندو هو. ان بل تي هن ڏهه منٽ به سولفظن جي رفتار سان تقرير ڪئي. (اهڙي زوردار خطاب جو مظاهرو هن هر اهڙي موقعي تي ڪيو جڏهن قانون ساز مجلس بين قانوني موضوعن تي بحث ڪندي هئي) پنج سالن جي اڻٿڪ ڪوشش ۽ ڪاوش ڪانپوءِ وقف علي الاولاد واري بل کي نيٺ منظور ڪيو ويو. پنهنجي مخصوص آئيني انداز فڪر جي ڪري جناح قانون ساز مجلس ۾ شهري حقن جي تقدس جو وڏو علمبردار هو. فوجداري قانون (هنگامي اختيارات) واري بل تي، جيڪو رولٽ ايڪٽ ڪاميٽي (١٩١٩ع) جي سفارشن تي ٻڌل هو، سندس تقرير هڪ واضح مثال آهي. ان جو مقصد هندوستان جي حڪومت جي انهن اختيارن جي توسيع ڪرڻ هو، جيڪي ان کي ڊفينس آف انڊيا ايڪٽ جاري ڪيل ١٩١٥ع موجب حاصل هئا ۽ جيڪي جنگ کانپوءِ ختم ٿيڻ وارا هئا. جناح صاحب انهي ۽ بل جي

نهايت زور دار انداز ۾ مخالفت ڪئي. سڄي ملڪ جي سخت مخالفت هوندي به وائسراءِ ان بل جي منظوري ڏني. نتيجي ۾ جناح صاحب هي لفظ چوندي ڪائونسل جي ميمبرشپ تان احتجاج ڪندي استعيفيٰ ڏني:

"جنهن نموني ۾ بل جي منظوري ڏني وئي آهي، تنهن مان هي ڳالهه پڌري ٿي پئي آهي ته امپيريل ليجسليٽو ڪائونسل رڳو نالي ۾ ته قانون ساز ادارو آهي پر حقيقت ۾ اها اهڙي مشين آهي، جيڪا رڳو هڪ غير ملڪي ايگزيڪيوٽيو جي اشاري سان هلي ٿي." هن وڌيڪ چيو ته "هن بل جي منظوري جي ڪري انصاف جي بنيادي اصولن کي پائمال پٺيو ويو آهي ۽ آئيني حقن کي پامال ڪيو ويو آهي." هيءَ استعيفيٰ جناح صاحب جي پارلياميٽري زندگي جي پهرين دور جو تتمو آهي.

آئيني تقدس ۽ انجي پاسداري ۽ شهري حقن جي تقدس سببان جناح صاحب کي ماڻهن وٽان جيڪو احترام مليو، تنهن جي ڪا حد ٿي نه هئي. انهن معاملن جي سلسلي ۾ هن ڪنهن جي مخالفت ۽ ڪنهن جي رنڊ روڪ جي ڪا پرواهه نه ڪئي ۽ نه وري ڪو انهيءَ معاملي ۾ هو ڪنهن سان ڪو امتيازي سلوڪ ڪندو هو. اهوئي سبب آهي ته جڏهن انهن معاملن ۾ سندس مخالف به ڪنهن نه ڪنهن طرح متاثر ٿيندا هئا ته هو سينو سپر ڪري انهن جي حمايت لاءِ ميدان ۾ هلي ايندو هو ۽ پوءِ هو انهن جي اهڙي ته شد ۽ مد سان حمايت ڪندو هو جو چڻ ته سندس ڪنهن

هن جي انهيءَ ڏگهي پارليامينٽري زندگيءَ جو عظيم ترين ۽ تابناڪ لمحو آگسٽ ۱۹۴۷ع ۾ اچڻ وارو هو، جڏهن پاڪستان جي آئين ساز مجلس، يڪراءِ ٿي، ڪيس پنهنجو پهريون صدر چونڊيو.

# جناح، ڪانگريس ۽ مسلم ليگ

## (١٩٠٦ع کان ١٩٢٠ع)

جناح صاحب جيتوڻيڪ شروع ۾ پڪو ڪانگريسي هو، پر تنهن هوندي به مسلمان ڪيس قدر جي نگاهه سان ڏسندا هئا، اهو ئي سبب آهي جو ڪيس انجمن ضياءُ الاسلامُ جي مجلس عامله جو رڪن چونڊيو ويو هو (١٩٠٧ع). انهي ۽ قدر ۽ منزلت ڪي اڳيان رکي بمبئي جي مسلمانن امپيريل ڪائونسل ۾ ڪيس پنهنجي نمائندگي جو حقدار سمجهيو (١٩١٠ع) ۾ ۽ اهو ئي سبب آهي جو آل انڊيا مسلم ليگ جي رڪن نه هوندي به لڳاتار ٽن سالن (١٩١٠ع کان ١٩١٢ع) تائين ڪيس ڪائونسل جي اجلاس جي ڪارروائي ۾ شرڪت ۽ خطاب ڪرڻ جي دعوت ڏني وئي- هن ليگ کي تمام گهڻو متاثر ڪيو ۽ جو ته مسلم ليگ ڪائونسل اجلاس (١٩١٢ع) ۾ ڪيل به اهم فيصلا اهڙا هئا جن ۾ گهڻي ياڱي سندس هٿ هو- انهن فيصلن مان هڪ مسلم ليگ جي بنيادي دستوري نظرثاني بابت هو ۽ ٻيو فيصلو هندو- مسلم اتحاد لاءِ ڪم ڪرڻ بابت هو- تنهن ڪانپور ۽ مارچ ١٩١٣ع ۾ مسلم ليگ هڪ ٺهراءُ پاس ڪري خود اختياري حڪومت حاصل

ڪرڻ (آئيني طريقن سان) ڪي پنهنجو واحد مقصد قرار ڏنو ۽ هي ئُ اهو مقصد ۽ منزل هئي جيڪا جناح صاحب ڪي سڀ کان وڌيڪ عزيز هئي.

هو مولانا محمد علي جوهر (۱۸۷۸ع کان ۱۹۳۱ع) ۽ مسلم ليگ جي جنرل سيڪريٽري سر وزير حسن جي زور ڀرڻ تي سيپٽمبر ۱۹۱۳ع ۾ باقاعدي مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو. ليگ جا اهي ٻئي اڳواڻ انهي ء وقت ڪانپور ۾ مسجد واري واقعي جي سلسلي ۾ انگلستان ۾ هئا.

جيئن مٿي ذڪر اچي چڪو آهي ته جناح صاحب ۱۹۱۱ع ۾ قانون ساز مجلس ۾ ”وقف علي الاولاد“ جي مسئلي بابت هڪ بل پيش ڪيو هو. اهو مسئلو ان وقت مسلمانن جو سڀ کان وڌيڪ دلچسپي ءَ جو باعث هو. مسلمانن جي وقف قانونن ۾ برطانوي حڪومت جي مداخلت جي شروعات ۱۸۷۳ع ۾ بمبئي جي هڪ ڪورٽ جي هڪ فيصلي سان ٿي، جنهن جي پڄاڻي ۱۸۹۴ع ۾ ان وقت ٿي جڏهن پريوي ڪائونسل ان فيصلي کي بحال ۽ برقرار رکيو. هن فيصلي موجب مسلمانن کي پنهنجي خاندان ۽ اولاد جي نالي ۾ قانوني طور ملڪيت کي وقف ڪرڻ کان محروم ڪيو ويو هو. انهي ءَ فيصلي سببان هاڻي نه رڳو مسلم قانون بحث هيٺ آيا هئا، پر گهڻائي قديم مسلمان خاندان انهي ءَ ڪري تباهي، غربت ۽ بدحالي جو شڪار ٿي پيا هئا، اهي ئي سبب هئا، جن جي ڪري مسلم هندوستان جي اها سياسي قيادت، جنهن جي تربيت مغربي انداز ۾ ٿي هئي، ان فيصلي کي

شريف مسلمانن جي اقتصادي استحڪام تي هڪ ڪاپاري ڌڪ سمجهڻ لڳي - ان فيصلي جي خلاف مسلمانن وڏي پيماني تي احتجاج ڪيو، جنهن جي شروعات سر سيد احمد خان ڪئي - پريوي ڪائونسل جي انهيءَ فيصلي سبيان ظاهر ٿيندڙ تباهي آڻيندڙ اثرن تي مسلمانن جو محسوس ڪرڻ ۽ انهن جي تشويش حق بجانب هئي - انهيءَ ناراضگي ۽ تشويش جو پڙاڏو ۱۹۰۸ع کان ۱۹۱۲ع ڌاران مسلم ليگ جي منظور ڪيل ڪيترن ئي ٺهرائن ۾ بڌڻ ۾ پيئي آيو - دهلي ۾ مسلم ليگ جي اجلاس (۱۹۱۰ع) ۾ حڪيم اجمل خان (۱۸۶۳ع کان ۱۹۲۷ع) جي خطبهٔ استقباليه، آغا خان جي شروعاتي تقرير ۽ سيد امير علي (۱۸۴۹ع - ۱۹۲۸ع) جي تقرير ۾ پڻ انهيءَ قانون جي تباهه ڪن اثرن جي گونج هئي - ساڳيوئي موضوع ندوة العلماء جي سفارشن ۽ سڄي هندوستان جي مسلمانن جي انجمن ۽ جماعتن جي انهن سوين يادداشتن جو هو جيڪي مولانا شبلي نعماني (۱۸۵۷ع کان ۱۹۱۴ع) جي اپيل تي برطانوي حڪومت ڪي موڪليون ويون هيون -

هيءَ حقيقت آهي ته ۱۹۰۶ع ۾ ڪلڪتي واري ڪانگريس جي اجلاس ۾ جناح جي تقرير جو موضوع به اهو ساڳيو مسئلو هو - ان مان هيءَ ڳالهه چڱيءَ طرح واضح ٿئي ٿي ته جناح صاحب کي پنهنجي سياسي زندگيءَ جي شروعات کان ئي مسلمانن جي مسئلن سان ڪيڏي نه ڳوڙهي دلچسپي هئي - ان ڪانسواءِ هيءَ ڳالهه به وڏي اهميت واري آهي ته مسلم ليگ ان مسئلي تي بل پيش ڪرڻ لاءِ ڪنهن

پئي مسلم ڪائونسلن سان رابطو نه رکيو بلڪ رڳو محمد علي جناح کي ئي اهو فرض سونپيو. مسلم ليگ انهي ۽ معاملي ۾ ڪيس ٻين تي جيڪا فوقيت ۽ ترجيح ڏني ان مان به هن امر جي نشاندهي ٿي ٿئي ته ان وقت هن قانون ساز مجلس ۾ مسلمان ميمبرن مان سڀ کان نمايان ۽ ممتاز حيثيت پئي رکي. هن بل جي سلسلي ۾ جناح صاحب جيڪا ڪوشش ڪئي ان تي نه رڳو مسلم اخبارن ڪيس سارا هيو، پر مسلمانن به متاثر ٿي جناح صاحب جي طرفان پيش ڪيل بل جي حمايت ۾ ياداشتون موڪلڻ جو سلسلو جاري رکيو. نتيجي ۾ عوام جي ذهنن ۾ جناح جي ذات انهي ۽ بل جي حوالي سان محفوظ ٿي وئي ۽ اها به اهڙي انداز ۾ ته جڏهن اها ڳالهه واضح ٿي ته باسوءُ طرفان پيش ڪيل شادي ۽ واري خصوصي ترميمي بل (۱۹۱۱ع کان ۱۹۱۲ع) تي سنڌس اختيار ڪيل موقف سببان هن جي طرفان مسلمانن جي وچ ۾ جيڪي غلط فهميون پيدا ٿيون ته جناح صاحب ۱۹۱۳ع ۾ پاڻ کي ٻيهر چونڊجڻ لاءِ پيش نه ڪندو ته هن بل جي انجام جي باري ۾ هندوستان جا مسلمان وڏي اٽ تڙ ۾ مبتلا ٿي پيا. تنهنڪري مسلمانن سرڪار تي زور ڀريو ته جناح کي هڪ ڀيرو وري ڪجهه وقت لاءِ امپيريل ڪائونسل جو رڪن نامزد ڪيو وڃي، ته جيئن ته جڏهن اهو بل سليڪٽ ڪاميٽي وٽان موٽي اچي ته هو ڪائونسل ۾ ان کي ڪاميابيءَ سان پيش ڪري سگهي، آخر نيٺ ٿيو به ائين. ڪيس ڪائونسل جو رڪن نامزد ڪيو ويو.

وقف بل تي جناح جون به تقريرون جيئن سنڌس ٻين

ڏانهن وڪ وڌائي ويئي. جناح جنهن ڏاهپ ۽ هوشياري سان هڪ منجهيل ۽ متنازعه بل ڪائونسل ۾ پيش ڪيو ۽ منظور ڪرايو، ان ڪاميابي تي سروجني نائيڊو پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته ، هن بل جي ڪري سڄي هندستان ۾ جناح صاحب کي مسلمانن ۾ پهريون ڀيرو عوامي سطح تي مقبوليت حاصل ٿي. جيئن ته هندستان ۾ مسلم قانونن جي پيش رفت جو تعلق آهي، ته هڪ اعليٰ خيال رکندڙ شخص جي چوڻ موجب ته ”اهو بل اڳتي هلي اوقاف بابت ٺهندڙ ڪيترن ئي قانونن جو پيش خيمو ثابت ٿيو“. انهي کانسواءِ هن بل جي ڪري ڪيترن ئي اهڙن موضوعن تي، جن جو اوقاف سان ڪو واسطو نه هو تن لاءِ پڻ نئين قانون سازي لاءِ دروازو کلي پيو. (طيب جي صفحو ١٩٦ - ١٩٧). اهڙي ريت مسلم قانونن ۾ پيش رفت ٿي، هي بل جناح صاحب جو هڪ اهڙو ڪارنامو هو جنهن جا دور رس اثر ٿيا.

١٩١٣ع کان ١٩١٤ع وارو عرصو جناح صاحب جي سياسي زندگي جي پهرين دور (١٩٠٥ کان ١٩٢٠ع) جو وچون حصو آهي ۽ اهو اهو وقت هو جڏهن ڪانگريس جي معاملن سان سندس گهاٽو لاڳاپو هيو. انهن مصروفيتن جي هوندي به هو مسلمانن ڏانهن غافل نه رهيو ۽ نه ئي وري هن ڪڏهن مسلمانن جي مخصوص منشاءِ مراد يا مفاد کان لاتعلقي اختيار ڪئي. ان جو هڪڙو سبب ته هي هو جو پنهنجي لبرل خيالن جي پس منظر ۽ سوچ جي بنياد تي شايد هو ترقي

۾ خود اختياري حڪومت ڏانهن اڳتي قدم کڻڻ ۾ مسلمانن کي، جيڪي آبادي جو هڪ وڏو حصو هئا، نظرانداز ڪري نٿي سگهيو. ٻيو سبب هي هو ته ان دور جي ٻين اڳواڻن وانگر هو به هن خيال جو حامي هو ته هو هندوستان جي قومي مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ اڳتي قدم وڌائڻ سان گڏ وڏ هندوستاني قوم ۾ شامل ٻين اڪاين جي منشا ۽ مراد کي به اڳتي وڌائڻو آهي. اهو ئي يقين ۽ سوچ جو انداز هو جنهن، مثال طور مولانا محمد علي جوهر (۱۸۷۸ع کان ۱۹۳۱ع)، مولانا حسرت موهاني (۱۸۷۸ع کان ۱۹۵۱ع) ڊاڪٽر مختار انصاري (۱۸۸۰ع کان ۱۹۶۳ع)، ڊاڪٽر مظهرالحق (۱۸۶۶ع کان ۱۹۲۹ع)، سيد علي امام (۱۸۶۹ع کان ۱۹۳۲ع) ۽ ڊاڪٽر سيف الدين ڪچلو (۱۸۸۴ع کان ۱۹۶۳ع) ۽ ان دور جي ٻين ڪيترن ئي اڳواڻن کي هندوستان جي آزادي لاءِ جدوجهد جي جذبي سان سرشار ڪيو هو. انهن اڳواڻن سان گڏ جناح صاحب کي پڻ اهو ساڳيو ئي يقين هو ته هندوستان جي آزادي لاءِ هندو مسلم اتحاد هڪ لازمي امر آهي. بيشڪ اها حقيقت آهي ته جناح صاحب هندستان جي اتحاد لاءِ نه پر هندو مسلم اتحاد لاءِ ڪوششون ڪيون ۽ اهو ثابت آهي ته هو منڍ کان وٺي مسلمانن کي هندوستان جي سياسي وجود جي ٻن حصن مان هڪ اهم حصو سمجهندو هو.

جيئن هن کان اڳ بيان ٿي چڪو آهي ته سياست جي ميدان ۾ قدم رکڻ سان ئي جناح مسلمانن جي مسئلن ۾ وڏي دلچسپي ورتي هئي - ۱۹۰۶ع ۾ هن ڪلڪتي ۾ ڪانگريس

جي اجلاس ۾ به تقريرون ڪيون، جيڪي سنڌ وسنئون مسلمانن سان ٿي واسطو رکن پيون. جڏهن ته سنڌس پهرين تقرير، وقف علي الاولاد جي باري ۾ هڪ ٺهراءَ جي حمايت ڪئي - هن پنهنجي تقرير ن مان هڪ تقرير مقابلي جي امتحانن جي باري ۾ چوڏ ري ءَ جي ٺهراءَ جي مخالفت ۾ هئي، جنهن ۾ هن ڳالهين سان گڏ مسلمانن کي پٺتي پيل طبقو چاٿايو ويو هو، ۽ انهي ءَ ڪري سبب بڻائي مسلمانن لاءِ رعايتن جي گهر ڪئي وئي هئي - جناح صاحب جو موقف هي هو ته مسلمان برادري ءَ کي پٺتي پيل طبقو تصور ڪرڻ سندس آڏو مسلمانن جي توهين آهي - وڌيڪ اهو ته مسلمان ڪنهن به لحاظ کان هندن کان گهٽ نه آهن، پر هر لحاظ کان انهن جي مٿ آهن - هندو مسلم برابري ءَ واري انهي ءَ اصول جو قدر تي نتيجو هي ظاهر ٿيڻو هو ته هندوستان جي لاءِ خود اختياري حڪومت واري ڪنهن به انتظام ۾ مسلمانن ۽ هندن کي هڪ جهڙو اقتدار ملڻ گهرجي - جناح صاحب هندوستاني نيشنلزم جو اهوئي لبرل (نرم) نقطهٔ نگاهه رکندو هو، جنهن مان هن ڳالهه جي پڻ وضاحت پئي ٿئي ته شروعات ۾ هو مسلمانن جي جدا چوندن واري گهر جي به مخالفت ڪندو هو - ظاهر آهي ته هن اهوئي سوچيو هوندو ته جيڪڏهن حقيقي معنيٰ ۾ ڪانگريس هندو مسلم سياسي مساوات تي يقين رکي ٿي ۽ پئي پاسي نوروجي، گوکلي، مهتا ۽ بينر جي جهڙا ڪانگريسي معتبر اڳواڻ

حفاظت ۽ پوري ٽيڪ جي تمام گهڻي ضرورت آهي ، بشرطيڪ انهن کي سمجهڻ ۾ خلوص شامل هجي ۽ انهن جو مقصد پڻ مسلمانن کي پٺتي ڇڏڻ يا نظرانداز ڪرڻ نه هجي - انهن مان هڪ اهم ضرورت ، بنا ڪنهن شڪ شبهي جي ، جدا چونڊن جي اصول کي برقرار رکڻ هو ، جنهن جي گنجائش انگريزن ۱۹۰۹ع ۾ هڪ ايڪٽ ۾ رکي هئي - انهيءَ سلسلي ۾ ڊسمبر ۱۹۱۳ع ۾ آگري ۾ ٿيندڙ مسلم ليگ جي اجلاس ۾ جناح صاحب مڪاني ادارن ۾ ڦير قيوارانه نمائندگي کي برقرار رکڻ جي مطالبي يعني ٺهراءَ جي باري ۾ جيڪو موقف اختيار ڪيو ، ان مان هن ڳالهه جو وڏيڪ ثبوت ملي ٿو ته جدا چونڊن واري مسئلي تي سندس مخالفت جو زور جهڪو ٿيندو پئي ويو - ايستائين جو ۱۹۱۶ع تائين پهچندي هو مسلمانن جي انهيءَ دعويٰ جي سچائي جو اعتراف ڪندي نظر اچي ٿو - تنهنڪري هن هندن کي صلاح ڏني ته هاڻي جدا چونڊن واري ڳالهه جي سلسلي ۾ وڌيڪ ڳالهيون هلائڻ بيڪار ۽ بي مقصد آهي ، ڇاڪاڻ ته اهو سموري مسلمان برادريءَ جو يڪراءِ فيصلو آهي ۽ اها گهر مسلمانن جي ضرورت جي تقاضا آهي - ان ڪري اُن جي مخالفت ڪرڻ ڇڏي ڏجي -

۱۹۱۴ع تائين جناح گڏيل سالن ۾ ڪانگريس ۾ هڪ اهم مقام حاصل ڪري چڪو هو ۽ ان سان گڏ هو مسلم ليگ ۽ مسلمانن جو اعتماد پڻ حاصل ڪري چڪو هو - تنهنڪري هن وقت هو ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ هڪ پل بڻجي چڪو هو ۽ هندن

۽ مسلمانن جي وچ ۾ ڳانڍاپي جو ڪردار ادا ڪري هندو مسلم اتحاد کي فروغ ڏيڻ جي پوزيشن ۾ ٿي پيو هو ۽ اهڙي ريت رابطي جي ڪردار جي پڄاڻي ۽ ۽ هندو مسلم ڀائيچاري کي حقيقي روپ ڏيڻ لاءِ، جناح انوقت جي ماحول ۾ سمورن شڪن ۽ شبهن ۽ ڏٺل وائٺل ماڻهن ۽ ناه ور شخصيتن جي مخالفت هوندي به پنهنجي ڪوشش جي شروعات ڪئي. جناح صاحب ليگ کي هيءَ ڳالهه مڃائڻ جي ڪوشش ڪئي ته هوءَ پنهنجو اينڌڙ اجلاس ڪنهن اهڙي هنڌ ۽ وقت تي ڪوٺائي جتي ڪانگريس جو اجلاس ٿيندڙ هجي. سندس اهڙي قسم جي جستجوءَ جو نتيجو هي نڪتو جو ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جا اجلاس هڪ ئي پِنيان ۱۹۱۵ع ۾ بمبئي ۾ ٿيا. انهن اجلاسن ۾ هن آئيني سڌارن جي لاءِ ڪانگريس ۽ ليگ کي هڪ گڏيل اسڪيم تيار ڪرڻ جي تجويز پيش ڪئي. انهيءَ رٿ جي تياري لاءِ جناح اُتڪ پيچ ڊڪ ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ ۱۹۱٦ع ۾ لکنؤ ٺاهه ٿيو. هندوستان جي ٻن وڏن فرقن جي نمائندگي ڪندڙ انهن ٻن جماعتن جي وچ ۾ اهو هڪ ئي ٺاهه هو جو ڪنهن دور ۾ ٿيو. ان کان اڳ ۾ جناح امپيريل ڪائونسل جي چوندڙيل ۲۷ ميمبرن مان ۱۹ ميمبرن جي حمايت سان لکنؤ ٺاهه سان ملندڙ ڪن تجويزن تي ٻڌل هڪ ياد اشت پڻ وائسراءِ کي پيش ڪئي هئي. جنگ جي خاتمي کان جلد ئي پوءِ جڏهن نون سڌارن جي ٻي قسط تيار ڪرڻ جو مرحلو پيش

ٻه ڏنو ويو ته "لکنؤ ٺاهه" آئيني سطح تي هندوستان جي سياسي وجود ۾ ڌار مسلم تشخص کي تسليم ڪرائڻ ۾ سڌو سنئون سبب بڻيو. ٽيون اهو ته عام چونڊن وارن حلقن ۾ مسلمانن کي اضافي ووٽ ڏيڻ جو جيڪو حق حاصل هو سو به واپس ورتو ويو ۽ اها ڳالهه ٻنهي فرقن جي پاڻ ۾ امتيازي فرقن کي پڻ اجاگر ڪرڻ جو سبب بڻي. چوٿون اهو ته ٻٽي ووٽ ڏيڻ وارو دفعو جيڪو "لکنؤ ٺاهه" ۾ شامل هو، در اصل ان جي معنيٰ هيءَ هئي ته مسلمانن جي هن دعويٰ کي مڃيو ويو ته هو هن گهڻ قومي ملڪ ۾ هڪ ڌار قومي گروپ آهن ۽ آغا خان جي چوڻ موجب "هڪ قوم ۾ هڪ الڳ قوم آهن". پنجون اهو ته لکنؤ وارو ٺاهه هن ڳالهه جو پڌرو اعلان هو ته مسلم ليگ مسلمانن جي نمائنده جماعت آهي. اهڙي ريت ٺاهه جون مختلف شقون انفرادي توڙي اجتماعي طور تي هندوستاني سياست ۾ مسلم انفراديت کي مڃائڻ جي سلسلي ۾ هڪ ڪارائتو لاڙو ثابت ٿيون. مسلمانن پاران لکنؤ ٺاهه جي معمار جي حيثيت ۾ جناح صاحب آئيني سطح تي قومي تشخص لاءِ جڻ ته مسلم جد وجهد کي نتيجه خيز بنائڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو.

١٩١٧ع تائين هندو توڙي مسلمان جناح کي هندستان جي انتهائي ممتاز ۽ نمايان سياسي اڳواڻ جي حيثيت ۾ مڃي چڪا هئا. کيس نه رڳو ڪانگريس ۽ امپيريل ڪائونسل ۾ ئي ممتاز حيثيت حاصل هئي پر هو مسلم ليگ ۾ به پنهنجو منفرد مقام رکندو هو. ان کان سواءِ هوم رول ليگ

جي اجلاس (١٩١٠ع) ۾ جناح ۽ والس راءِ جي وچ ۾ پهرين جهڙپ ٿي هئي. انهي ڪانگريس ۾ گانڌي جي هن گجرات سڀا جي صدر جي حيثيت ۾ ان گارڊن پارٽي ۾ وڌي فراخدلي ۽ جوشيلي انداز ۾ آجيان ڪئي هئي، جيڪا بمبئي ۾ آباد گجراتي طبقي ١٩١٥ع ۾ گانڌي جي ڏکڻ آفريڪا کان واپسي تي سندس مان ۾ ڏني هئي. اهڙي طرح پيندڙ مون جا لفظ آهن ته "ڪانگريس ۾ گانڌي جي عروج سان گڏ ئي اهي ٿيو جو جناح ڪانگريس کان پري ٿي ويو." بهرحال ناگپور واري اجلاس، جنهن جناح جي سياسي پروگرام کي رد ڪري، گانڌي کي قيادت جي اعليٰ ترين منصب تي فائز ڪيو هو، جناح جي ان خواب کي چڪنا چور ڪري ڇڏيو جيڪو هن هندوستان ۾ قيادت حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڏٺو هو. هي اهو ئي مرحلو هو جتان سندس سياسي زندگيءَ جي پهرين دور جو خاتمو ٿئي ٿو ۽ اهڙي ريت اهو ٻٽو ڪردار جيڪو هن سگهئي وقت ليگ ۽ ڪانگريس جي ٻن ٻيڙين ۾ پير رکي ادا ڪرڻ شروع ڪيو هو، سو اوچتو ٿي اوچتو هميشه هميشه لاءِ پڄاڻي کي پهتو. ان کانپوءِ واري زماني ۾ جناح کي رڳو مسلم ليگ ۽ مسلمانن کي منظم ڪرڻ لاءِ مڪمل توجهه ڏيڻو پيو هو، ليڪن پنهنجي قومي انداز فڪر کي برقرار رکندي ۽ پنهنجي قومي ڪردار کان دستبردار ٿيڻ کانسواءِ.

# جناح ۽ هندو مسلم ناهه

## (١٩٢١ع کان ١٩٣١ع)

١٩٢١ع کان ١٩٢٣ع واري عرصي ۾ جناح صاحب لاءِ گهٽي پاڻ کي گوشه نشيني وارو زمانو هو. انهيءَ عرصي ۾ هو سياست کان عملي طور ڌار رهيو، پر سڄي وقت هندوستان جي سياسي حالتن جو گهري نظر سان جائزو وٺندو رهيو ۽ ان جو تجزيو ڪندو رهيو. هو ڪانگريس سان پنهنجا سمورا لاڳاپا ٽوڙي ويٺو هو. حالانڪ هي اها جماعت هئي جنهن ۾ کيس نهايت قدر ۽ منزلت جي نگاهه سان ڏٺو پئي ويو، ۽ ان جماعت جي پليٽ فارم تان هو هڪ قومي اڳواڻ جي حيثيت ۾ اعليٰ ترين ڪردار ادا ڪرڻ جي خواهش پڻ رکندو هو. ١٩٢٠-١٩٢٢ع واري خلافت تحريڪ کان پاڻ کي جدا رکيو هو، جيتوڻيڪ اها هڪ عوامي تحريڪ هئي جنهن سڄي هندوستان ۾ هلچل مچائي هئي، ۽ هندستاني سياست کي هڪ نئون انقلابي رخ عطا ڪيو هو. اها هڪ اهڙي تحريڪ هئي جنهن جناح ۽ سندس وانگر آئيني جدوجهد تي يقين رکندڙ وارن ٻين سياسي اڳواڻن جي عزت، وقار ۽ ساک کي نه رڳو متاثر ڪيو بلڪ شديد نقصان پڻ رسايو هو. اهي ئي سبب هئا جن جي ڪري اڳتي هلي جناح صاحب

# جناح ۽ مسلم اتحاد
## (١٩٢٤ع کان ١٩٣١ع)

اڳين تفصيلن مان هي ڳالهه پڌري ٿي ٿئي ته جيتوڻيڪ جناح صاحب پاڻ کي پوري طرح قوم پرست مقصد (نيشنلسٽ ڪاز) لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هو پر ان سان گڏوگڏ مسلمانن جا مفاد به سندس هٿا. تنهن کانسواءِ هيءَ حقيقت به پڌري ٿي پئي ته هن الوقت تائين ڪنهن به مرحلي تي اهو تسليم ڪو نه ڪيو ته نيشنلسٽ ڪاز ۽ مسلم ڪاز جي وچ ۾ ڪو تفاوت يا تصادم آهي، يا آئنده ٿي سگهي ٿو. ليڪن ائن هوندي به ١٩ صدي جي ٽين ڏهاڪي جي خاتمي ۽ چوٿين ڏهاڪي جي شروعات ۾ هي ڳالهه ڪنهن کان ڳجهي ڪانه رهي هئي ته لالا لجپت راءِ (١٨٦٥ع کان ١٩٢٨ع) مدن موهن مالو (١٨٦١ع کان ١٩٤٦ع) ۽ جيڪار جهڙا اڳواڻ جيڪي نيشنلسٽ مفاد جا نمايان ۽ سرڪرده هندو پرچاري ۽ علمبردار هئا، قوم پرست سياست جون چاچاتاويلون تشريحون ڪندا رهندا هئا. انهيءَ جي ابتڙ جناح صاحب ٻن مختلف مقصدن، يعني هندو فرقيوارانه مقصد ۽ مسلم مقصدن کي ڪڏهن به پاڻ ۾ گڏ پيش ڪرڻ لاءِ تيار نه هو. مثال طور ١٩٣١ع ۾ به جناح صاحب هيءُ اعلان ڪندي ته "مان پهريائين هندوستاني ۽ پوءِ مسلمان آهيان" زور ڏيندي

ثبوت آهي ته هو سياسي ميدان جو ڪيڏو وڏو ماهر هو ۽ سياست جي ڪيڏي ۾ هو، پنهنجي ذهانت، گهري ادراڪ ۽ استدلالي قوت سان پنهنجي وڏي تعداد ۾ حريفن کي ڪيتري نه آسانيءَ سان شڪست ڏيندو رهيو.

# مسلم ليگ جو نئين سر جيارو

(١٩٣٤ع کان ١٩٤٠ع)

محمد علي جناح صاحب مسلمانن کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ واري ڪم جي شروعات سنجيدگيءَ ۽ باقاعدگيءَ سان آڪٽوبر ١٩٣٥ع ۾ انگلنڊ مان موٽي اچي ڪئي. اهو ڪم ڪو ايترو سهنجو نه هو، ڇاڪاڻ ته ليگ جي بي عملي جو هي حال هو جو گذريل ڪجهه سالن کان ان جا ساليانه اجلاس به مسلمانن ۾ ڪا هلچل يا دلچسپي پيدا ڪرڻ ۾ ناڪام پئي رهيا. ٻيو ته انهن اجلاسن ۾ ميمبرن جي حاضري به ايتري قدر گهٽ هئي جو مجبوريءَ جي حالت ۾ ڪورم جي مقرر ڪيل تعداد کي ٧٥ مان گهٽائي ٥٠ ڪيو ويو. تنهن کان سواءِ بنيادي سطح تي نه ته ليگ جي ڪا تنظيم هئي ۽ نه ئي وري ان جا ڪي ادارا موجود هئا. حالت هيءَ هئي جو صوبائي شاخن جو وجود به رڳو ڪاغذي ڪارروائيءَ جي حد تائين محدود هو. اهي ڪاغذي شاخون به بنهه بي اثر ۽ نڪميون هيون. انهن تي مرڪز جو ڪنٽرول به رڳو نالي ماتر هو. خود مرڪزي سطح تي ليگ وٽ ڪو به واضح سياسي پروگرام يا جامع دستورالعمل نه هو. ان حالت هونديءَ بمبئي (اپريل ١٩٣٦ع) واري سيشن (اجلاس) ٿي نه سگهيو، جنهن جو بند وبست

جناح صاحب سر وزير حسين جي صدارت هيٺ ڪيو هو، انهيءَ کان وڌيڪ هيءَ ڳالهه ته صوبائي سطح تي ليگ جو وجود هڪ عجيب ڳجهارت بڻجي چڪو هو. مختلف مسلمان ليڊرن صوبائي پارٽيون قائم ڪيون هيون. انهن ليڊرن جو رڳو ذاتي مقصد حاصل ڪرڻ ۾ پنهنجي ليڊري ڏيکي چمڪائڻ هو. مطلب ته ڪل هند سطح تي مسلم سياست زبون حالي جو شڪار هئي. انجا نشان غير واضح ۽ ڌنڌلا هئا، جيتوڻيڪ انهن ليڊرن جي سموريون سرگرمين جو مقصد ۽ مراد هڪ ٿي هئي تاهم سياسي لحاظ کان انهن ليڊرن ۽ پارٽين کي ٽن مختلف پر واضح گروهن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. برطانيه جا حامي، ڪانگريس سان ميل ۽ آزاد -

هتي هيءَ ڳالهه ڌيان ۾ رهي ته ڪانگريس ١٩٣٥ع واري ايڪٽ جي خلاف اڳ ۾ ئي وڏي زور شور سان پنهنجي مهم شروع ڪري چڪي هئي، هوءَ رڳو بنيادي مقصد هيٺ چونڊن ۾ حصو وٺي رهي هئي ته جيئن اسيمبلي ۾ پهچي اندران ئي اندران آئين جا پرزا پرزا ڪيا وڃن. ٻئي پاسي انگريز هئا جن ١٩٣٥ع وارن سڌارن کي پنهنجو وڏو ڪارنامو پئي سمجهيو ۽ سندن هيءَ خواهش هئي ته هندوستاني سنجيدگي سان انهن تي عمل ڪرڻ شروع ڪن. تنهنڪري جتي انگريزن جي نقطهء نگاهه کان ڪانگريس جو رويو انهن لاءِ مايوس ڪندڙ هو. اتي جناح صاحب جي طرفان انهن سڌارن تي ڪڙي نڪته چيني به هنن جي لاءِ گهٽ حوصله شڪن نه هئي. ان کانسواءِ هو جناح صاحب جي ماضي کان به چڱيءَ طرح واقف هئا. هنن اهو چڱيءَ طرح پئي ڄاتو ته جناح صاحب هميشه ڪانگريس سان ناهه جي ڪوشش ڪندو پئي رهيو آهي،

سيپٽان وڏو ۽ نمائنده اجلاس ڪرائي ڏنو ويو. اهڙي ريت لکنوُ اجلاس کانپوءِ ليگ جي ميمبرن جي تعداد ۾ بيحد واڌ ٿي. ۱۹۲۷ع ۾ سڄي هندوستان ۾ مسلم ليگ جي ميمبرن جو ڪل تعداد ۱۳۳۰ هو، پر ۱۹۴۱ع ۾ مدراس ۾ جتي مسلمانن جي آبادي رڳو ڇهه سيڪڙو هئي. ميمبرن جو تعداد ۱۲،۰۷۸ ار تي وڃي پهتو هو. بنگال ۾ ۱۹۴۴ع ۾ انهن جو تعداد وڌي وڃي ۵،۵۰،۰۰۰ تي بيٺو. ڌيان ۾ رهي ته بنگال ۾ ڪانگريس سڀ کان وڌ ۾ وڌ ڪنهن به پارٽي جي ميمبرن جو تعداد ايڏو نه رهيو هو. ساڳئي سال (۱۹۴۳-۴۴ع) ۾ سنڌ ۾ مسلم ليگ جي ميمبرن جو تعداد ٽن لکن تائين وڃي پهتو، جيڪو سڄي صوبي جي مردن جي آبادي جو ڪل ۲۵ سيڪڙو هو.

ليگ جي وڌندڙ ۽ پکڙجندڙ قوت، طاقت ۽ مقبوليت جو هڪ وڌيڪ قابل اعتماد ۽ تصديق ٿيل اشارو اُپ-چونڊن مان به ملي ٿو. پهرين جنوري ۱۹۳۸ع کان ۱۹۴۲ع جي وچ واري عرصي ۾ ۵۶ مسلم نشستن تي ضمني چونڊون ٿيون، جن مان ۴۶ نشستون (۸۲ في سيڪڙو) مسلم ليگ حاصل ڪيون. جڏهن ته ڪانگريس رڳو ٽي نشستون (۵ في سيڪڙو) حاصل ڪري سگهي. باقي ستن نشستن تي آزاد اميدوار ڪامياب ٿيا.

# پاڪستان جي گهرج ۽ ان جو پس منظر

## (١٩٣٨ع کان ١٩٤٠ع)

لکنئو واري اجلاس جي شاندار ڪاميابيءَ ۽ سٺن نتيجن جي باوجود انکان پوءِ ٽي سال لڳاتار مسلم سياست جي اوسر لاءِ هندوستان جي مسلمانن جي تاريخ ۾ ڏاڍا اهم، نازڪ ۽ تشويش وارا هئا. مسلمانن کي نفسياتي، ثقافتي، سياسي، اقتصادي مطلب ته هر ميدان تي مختلف چئلينجن سان منهن ڏيڻو پيو هو. جيتوڻيڪ هو هندوستان جهڙي گهڻ قومن واري ملڪ ۾ هڪ نئين قوم جي حيثيت ۾ رهڻ جا خواهان هئا، پر ان سلسلي ۾ هنن جي طرفان جيڪي به ڪوششون ٿيون، تن کي نا ڪنهن سوچ ويچار جي نه فقط حقارت سان رد ڪيو ويو بلڪ انهن کي هر لحاظ کان ناڪام بڻايو ويو. جناح صاحب هڪ پاسي مسلم ليگ کي مضبوط بنيادن تي منظم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هو ته ٻئي پاسي هندو ۽ مسلم مسئلي جي هڪ عزت ڀريي ۽ باوقار حل تلاش ڪرڻ لاءِ ڪانگريس جي ليڊرن سان ڳالهيون ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳو رهيو. ان ڏس ۾ هن ڪانگريس جي ٽن اڳواڻن ۽ گانڌي سان لڳاتار خط وڪتابت جاري رکي. پر ڪانگريس جي ليڊرن جي طرفان ڪيس هميشه صاف انڪار ۾ جواب

۾ نفرت وچان رد ڪرڻ ۽ اهي سڀ واقعا هن ڳالهه
جي نشاندهي ڪن ٿا ته مسلمان ذهني ۽ نفسياتي لحاظ کان
پاڻ کي هميشه هڪ ڌار قوم سمجهندا پئي آيا.
انهي احساس جي بنياد تي ڪڏهن ڪڏهن مسلمانن
جي طرفان هندوستان جي ورهاڱي جي باري ۾ تجويزون
پڻ پيش ٿينديون پئي رهيون، جيئن هن سرزمين
جي ڪنهن ٽڪري تي مسلمانن جي لاءِ هڪ ڌار ملڪ قائم
ٿي سگهي. ان مقصد لاءِ سڀ کان پهريائين مولانا
عبدالحليم 'شرر' آگسٽ ١٨٩٠ع ۾ هڪ تجويز پيش ڪئي
هئي. انهيءَ شروعات کان پوءِ اهڙي قسم جي تجويزن
جو مُختلف لفظن ۾ وچور سان اظهار پئي ٿيندو رهيو،
تان ته، ١٩٣٠ع ۾ الهه آباد ۾ مسلم ليگ جو اجلاس سڏايو
ويو. ان اجلاس جي صدارت مفڪر ۽ شاعر اسلام علامه
اقبال ڪئي، ۽ ان موقعي اها مشهور تقرير پڻ ڪئي
جيڪا اڳتي هلي اقبال جي الهه آباد واري خطبي جي نالي
سان مشهور ٿي. هن تقرير ۾ علامه اقبال پهريون
ڀيرو هندوستان جي مسلمانن پاران هڪ سياسي پليٽ فارم
تي چٽي نموني ۾ هندوستان جي ورهاڱي جو تصور
پيش ڪيو. علامه اقبال جي انهيءَ خطبي سببان ليگ
جي ان اجلاس کي هندوستان جي تاريخ ۾ نمايان حيثيت
حاصل آهي. ان کان ٽي سال پوءِ، ١٩٣٣ع ۾ ڪيمبرج
۾ تعليم حاصل ڪندڙ هڪ شاگرد چوڌري رحمت علي
هندوستان ۾ مسلمانن جي تجويز ڪيل وطن جو نالو "پاڪستان"

جي قيام تائين پهچائڻ ۾، قائداعظم ڪان وڏيڪ ٻئي ڪنهن فيصلہ ڪن ڪردار ادا نہ ڪيو. هي حقيقت آهي تہ مسلمانن لاءِ پاڪستان جي ان دعويٰ جي جنهن اثرائتي طريقي سان هن وڪالت ڪئي، ۽ وري خاص طور ٻي عظيم جنگ جي ڇڙواڳي تي مسلمانن جي مطالبي سان لاڳاپيل نهايت نازڪ، اهم ۽ پيچيده ڳالهين جو جيڪو سلسلو، شروع ٿيو، ان ۾ قائداعظم جيڪا حڪمت عملي اختيار ڪئي، اهو ان وڪالت ۽ حڪمت عملي جو نتيجو هو جو پاڪستان جو قيام اسٽرشي پيو.

# پاڪستان ڏانهن اڳتي قدم

## ١٩٤٠ع کان ١٩٤٧ع

قائداعظم محمد علي جناح سياست جي لاهين چاڙهن کان چڱي طرح واقف هو ۽ کيس ڄاڻ هئي ته سياست جي چوٽ تي ڪهڙي وقت ڪهڙي ڳوٽ کي اڳتي وڌائجي. ٢٣ مارچ ١٩٤٠ع تي پاڪستان جي مطالبي تي ٻڌل لاهور ٺهراءَ جي منظوري کان پوءِ هن سڀ کان اڳ ۾ هي ڪم ڪيو جو وائسراءِ کان اها پڪ ورتي (٨ آگسٽ ١٩٤٠ع) ته هز ميجسٽي جي حڪومت پنهنجون موجوده ذميداريون ڪنهن اهڙي نظام حڪومت کي منتقل ڪرڻ جو ارادو نٿي ڪري سگهي جنهن جي اختيارن کي هندوستان جي قومي زندگي ۾ شامل ڪو وڏو عنصر قبول نه ڪندو هجي. ٻيو اهو ته برطانوي حڪومت انهن طبقن کي ڪنهن به اهڙي حڪومت جي اطاعت لاءِ مجبور ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڏاڍ ۽ زور آوري اختيار ڪرڻ ۾ ڪا ڌر بڻجي نٿي سگهي. وائسراءِ جي ان اعلان کان پوءِ حقيقت ۾ هندوستان لاءِ تيار ٿيندڙ واري مستقبل جي ڪنهن به آئيني نظام ۾ مسلمانن کي ويٽو حاصل ٿي ويو هو، جنهن جو مطلب اهو به هو ته هاڻي

جي سيني اڳواڻن ۾ اڪيلو شخص هو، جنهن انگريزن کان ٻه اڳ ۾، جن کي اڳتي هلي حڪومت جون واڳون هندوستان کي ڏيڻيون هيون، هي اندازو لڳائي ورتو هو ته پاڪستان جو قائم ٿيڻ هاڻي اٽل آهي. شايد اهو ئي سبب آهي جو پاڪستان قائم ٿيڻ واري انهيءَ لمحي اچڻ کان اڳ ۾ ئي، جناح صاحب ايندڙ وقت ۾ قائم ٿيندڙ مملڪت لاءِ مختلف ادارن جي جوڙجڪ شروع ڪري ڏني هئي. انهيءَ ۾ اهي تجارتي ۽ صنعتي ادارن قائم ڪرڻ جي ڏس ۾ پاڻ مرڪزي ڪردار ادا ڪيو. مثال طور هن ڪيترائي مسلم تجارتي ايوان قائم ڪيا. ڪلڪتي ۾ صنعت ۽ تجارت جي مسلم ايوان جو وفاق (فيڊريشن) قائم ڪيو. ڪلڪتي ۱۹۴۷ع ۾ مسلم ڪمرشل بئنڪ جو بنياد رکيو. حبيب بئنڪ کي پنهنجي سرپرستي سان نوازي ان کي هڪ ڪل هند بئنڪ جي درجي تائين پهچايو، ۽ مسلمانن کي بئنڪاري ڏانهن راغب ڪيو. هڪ طرف ڪلڪتي ۾ "اورينٽ ايئرويز" جو بنياد وڌو جيڪا آزادي کان اڳ ۾ هندوستان ۾ اڪيلي مسلم ايئرلائين هئي، ته ٻي طرف بمبئي ۾ "محمدن اسٽيم شپ ڪمپني" قائم ڪئي. اهڙي ريت هو نه رڳو مسلمانن جي آزاديءَ جي جدوجهد ۾ ۽ پاڪستان قائم ڪرڻ واري جنگ ۾ رڌل هو، بلڪه مسلمانن کي وڪ وڪ تي انهن مڙني ذميوارين کي سنڀالڻ لاءِ تيار ڪندو پئي رهيو جيڪي ايندڙ وقت ۾ هڪ آزاد ۽ خودمختيار ملڪ ۾ رهڻ واري قوم جي حيثيت سان مٿن اچڻ واريون هيون.

انهن سمورن ادارن جتي مسلمانن کي ترقيءَ جي شاهراهن تي گامزن ڪيو، اتي قائداعظم جي ڪل هند پوزيشن کي ٻه مضبوط

انگلستان جي بادشاه جو پيغام پڙهي ٻڌايو جيڪو ان وقت تائين هندوستان جو شهنشاهه پڻ هو

قائد اعظم ڪي ٿي ڏينهن اڳ پاڪستان جي قانون ساز اسيمبلي پنهنجو صدر مقرر ڪيو هو. هن مائونٽ بيٽن جي تقرير ۾ انگلستان جي بادشاهه جي پيغام جو جواب ڏنو. ٽئين جنم ورتل مملڪت پاڪستان جي آزادي جو نشان يعني جنڊو ۾ تاري واري جهنڊو ساڳئي ڏينهن قانون ساز اسيمبلي جي عمارت تي بلند ڪيو ويو. ٻئي ڏينهن ١٥ - آگست تي قائد اعظم محمد علي جناح، پاڪستان جي پهرين گورنر جنرل جي عهدي جو حلف کنيو جنهن کان پوءِ پاڪستان جي پهرين ڪابينه پڻ نوابزاده لياقت علي خان جي سربراهي ۾ حلف کنيو.

اهڙي ريت ننڍي کنڊ ۾ هڪ آزاد مسلم مملڪت قائم ڪرڻ جي انهي پراڻي خواب جو تعبير سچو نڪتو جيڪو هندوستان جا مسلمان ڪن صدين کان ڏسندا پئي آيا. ١٧٥٧ع پلاسي جي ميدان ۾ شڪست کائڻ کان پوءِ، مسلمانن مٿان غلامي جي جيڪا ڪاري رات مسلط ٿي هئي، سالگتار جد وجهد جي نتيجي ۾ ١٤، آگسٽ ١٩٤٧ع ۾ وڃي ختم ٿي ۽ آزادي جو صبح طلوع ٿيو. غلامي جي سنگين پهاڙن مان، هندوستان جي مسلمانن جي ان خواب ۽ تصور کي حقيقت جي شڪل ۾ آڻڻ جي لاءِ قائد اعظم ڪو هڪ ڪردار ادا ڪيو.

# قائداعظم ۽ پاڪستان جو استحڪام

## (١٩٤٧ع کان ١٩٤٨ع)

ڪنهن سچ چيو آهي ته پاڪستان خراب حالتن، انتشار ۽ پريشاني جي عالم ۾ قائم ٿيو هو. ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته شايد ئي دنيا جي ڪنهن بي قوم پنهنجي زندگيءَ جي سفر جي شروعات تمام محدود وسيلن سان ۽ اهڙين ڏکين حالتن ۾ ڪئي هجي. هن نئين جنم ورتل قوم کي ورثي ۾ نه ڪا مرڪزي حڪومت ملي هئي، نه ان جو ڪو گاديءَ جو هنڌ هو، نه ان جو ڪو انتظامي ادارو هو ۽ نه ڪا منظم دفاعي فوج هئي. انجا سماجي ۽ انتظامي وسيلا به تمام ٿورا هئا. ضروري ساز ۽ سامان بنهه ڪونه هو. تنهن ڪري انگن ۽ اکرن جو ته ذڪر ڪرڻ ئي بي فائدو آهي. تنهن کان سواءِ ورهاڱي وقت، پنجاب ۾ آگ ۽ خون، انساني ڪوس ۽ بربادي جي جيڪا رانڌ سکن جي خونخوار هورچن ڪئي تنهن سببان پنجاب جو هڪ وڏو علائقو ويران دڙا بڻجي ويو. مواصلاتي نظام درهم برهم ٿي چڪو هو. تنهن کان سواءِ هندو ۽ سک واپارين ۽ انتظامي عملي جي لڏ پلاڻ جي ڪري سڄي معيشت چٽڪ برباد ٿي وئي هئي، خزانو خالي هو، ڇاڪاڻ ته هندستان، پاڪستان کي پڻ ڏيهي ناڻي جو اهو حصو ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو جيڪو ان جو پنهنجو حق هو. انهن مٿين ڳالهين کان وڌيڪ هن

# حرف آخر

قائداعظم نہ رڳو ملڪ اندر پر ٻين ملڪن ۾ به امن ۽ امان جو خواهشمند هو. هو "جيئو ۽ جيئڻ ڏيو" جي اصول تي ايمان رکندڙ هو. حقيقت هن ريت آهي ته ١٩٠٦ع کانپوءِ واري ڍاڪي کان سالن ۾ جڏهن هندو ۽ ڪانگريس هن اصول تان ٻنا ڪنهن سوچ ويچار جي دستبردار ٿيا ۽ انهن جي ابتڙ ۽ مخالف واٽ ورتي ته هن اهڙي رويي ۽ ڪن ٻين سببن قائداعظم کي نيٺ پاڪستان جي مطالبي ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو. ان کان به اهم ڳالهه هي آهي ته خود پاڪستان جي گهُر جيئن ته قائداعظم اڪثر هلي پئي رکيو ته "زنده رهو ۽ زنده رهڻ ڏيو" جي اصول جي بنياد تي ڪئي وئي هئي. يعني پاڪستان جي مطالبي جو اصل مقصد هي هو ته هندوستان جون ٻه وڏيون قومون، هندو ۽ مسلمان پنهنجي پنهنجي علائقن ۾ هڪ ٻئي جي مداخلت کان سواءِ، پنهنجي نظرين، خيالن ۽ روايتن موجب پنهنجن معاملن جي نگراني ڪري سگهن ۽ جيئن ننڍي کنڊ ۾ ٻنهي قومن لاءِ سُني پاڙيسري جي حيثيت ۾ زنده رهڻ جي راهه هموار ٿي سگهي. اهڙي وضاحت ۽ تشريح مان پڌرو ٿئي ٿو ته پاڪستان جو مطالبو دراصل وڏي کنڊ هندوستان جي آزادي جي گهر هئي. تنهنڪري ان ڳالهه مان ظاهر ٿئي ٿو ته قائداعظم نه رڳو پاڪستان جي لاءِ مصروف هو، پر

عظيم ترين هو. مسٽر جناح جي وفات سبان دنيا هڪ تمام وڏي مدبر ۽ پاڪستان پنهنجي باني ڪار، فلسفي ۽ رهنما کان محروم ٿي ويو آهي."

اها هئي قائد اعظم محمد علي جناح جي شخصيت ۽ اها هئي سنڌ سان محبت. اهي هيون سنڌ سان ڪاميابيون ۽ ڪارناميون تنهن ڪري جيڪڏهن اڄ به قوم ڪيس احسانمندي ۽ تشڪر جي جذبن سان ياد ڪري ٿي ۽ جيڪڏهن اڄ به ٨ ڪروڙ پاڪستانين جي ذهن ۾ سنڌ سان ياد هميشه وانگر تازي آهي ته ان ڳالهه ۾ حيرت جي ڪا ڳالهه ڪانهي. جيتوڻيڪ ڪيس اسان کان ڌار ٿئي ٢٧ سال گذري چڪا آهن، پر اڄ به پاڪستان جي سياسي زندگي تي انجو اثر تمام گهڻو هو آهي. پاڪستانين جي باري ۾ سنڌ سان ارشادات منجهيل مسئلن ۽ سياسي جهيڙن جهڳڙن ۾ آخري فيصلي جي حيثيت رکن ٿا. ۽ اسان مان هر هڪ هن ڳالهه کي پلي پيت ڄاڻي ٿو ته پاڪستان، جنهن جو قائم ٿيڻ هڪ معجزو آهي، اهو رڳو هڪڙي شخص جي بيمثال سياسي بصيرت ۽ ذهانت جي زنده نشاني آهي ۽ اهو شخص آهي

# ڊسٽي


آزاد پارٽي ١٠٣، ٩٤، ٨٧

آسام ٥٠، ١٣٢، ١٠٨، ٩٩

٩٤-

آغا خان ١٧٠، ١٤٤، ٩٣، ٩٢

٩١، ٥١، ٤١، ٢٥

آگره ٤٨

آل انڊيا مسلم نيوز پيپر

ايسوسيئيشن ١٣٦

آل انڊيا مسلم نيوز پيپر

ڪنونشن ١٣٦

آل انڊيا مسلم ورڪنگ

جرنلسٽس ايسوسي ايشن

١٣٦-

آل پارٽيز ڪانفرنس ٩٦،

٧٨، ٧٣-

آل پارٽيز مسلم ڪانفرنس

١٤٢، ١٠٢، ٩٦، ٩٢، ٧٨

آئي. اين. اي. ١٤٢

اتاترڪ، مصطفيٰ ڪمال

پاشا ٦٠، ١٣٠

انسيلي، لارڊ ڪليمنٽ

١٤١-

اچاريه، سي راجگوپال ١٣٨

احرار ٩٤

احمد آباد ١٤٨

اُردو ١١٧، ٢٤، ٢١، ١٠

اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان

١٤٤

اسلام آباد ٨

اسمٰعيل نواب محمد ٦٨

افريڪا ١٦٧، ١٥٠، ٥٧

٥٦، ٣٤، ٣٣-

اقبال، سر محمد ١٢٦، ١٢٥،

١٢٤، ١٢٣، ٩٧، ٩٦

اکالی دل ۱۴۹
الٰہ آباد ۱۲۶، ۱۲۵، ۱۲۳
الیگزنڈر، اے ۔ وی ۱۶۲
امبیڈکر، بی ۔ آر ۱۲۰
امپیریل لیجسلیٹو کونسل
۴۹، ۴۷، ۴۲، ۳۶، ۳۱، ۲۶
امیر علی سید ۱۶۱
انجمن ضیاء الاسلام ۳۹، ۳۰
انڈونیشیا ۱۶۸، ۱۶۷
انڈیپینڈنٹ پارٹی ۸۷
انڈین مسلمان ایسوسیئیشن ۲۹
انصاری، ڈاکٹر مختار
۶۸، ۴۵
انگریز ۱۳۴، ۱۳۳، ۱۲۹، ۱۲۸
۱۱۶، ۱۰۴، ۱۰۳، ۱۰۲، ۹۳، ۹۱
۹۰، ۲۳، ۱۴۱، ۱۵۶، ۱۵۲، ۱۵۱
۱۶۷، ۱۶۶، ۱۳۵، ۱۳۹، ۱۳۷ ۔
انگریزی اخبار ۲۱
انگریزی ۱۰
انگریزی راج ۱۳۴، ۱۶۱، ۴۰
۲۲، ۱۶ ۔

انگلستان ۱۵۹، ۱۵۶، ۱۵۱
۱۴۱، ۱۰۵، ۸۷، ۸۶، ۳۰، ۲۹
۲۸، ۲۶، ۱۹
اورئینٹ ایرویز ۱۳۷
اورئینٹ پریس انڈیا ۱۳۵
اوڑیسا ۹۹، ۹۸
ادلوا، بوکم ۲۰
ایڈناور، کانرڈ ۱۵۷
ایشیا ۱۶۷
ایکٹ، انڈین کونسلز ۱۸۹۲ء
۲۴ ۔
ایکٹ ۱۹۱۹ء ۹۵، ۷۶، ۶۶، ۶۵
۶۳، ۵۰
ایکٹ ۱۹۰۹ء، ۴۸، ۳۱
ایکٹ ۱۹۳۵ء، ۱۱۹، ۹۷
۹۵، ۹۲، ۹۰، ۷۹
ایکٹ ڈیفنس آف انڈیا ۳۵
ایکٹ رولٹ ۳۵، ۳۳
ایکٹ وقف (۱۹۱۳) ۴۳
بابو، بوپیندر ناتھ ۳۲
برطانوی اخبار ۱۶
برطانوی پارلیامنٹ ۲۷

برطانوي خطاب ١٤٧
برطانوي ڪيبڙي ٥٢
برطانوي لبرل ازم ٢٦
برطانيه ١٣٦، ١٣٢، ١٣٣
١٣١، ١١٩، ١١٢، ١٠٥، ٩٥، ٩٢
٦٨، ٦٦، ٦١، ١٩، ١٦٨، ١٦٤،
١٦٣، ١٥٨، ١٥٦، ١٥٥، ١٥٤
١٥١، ١٤٩، ١٤٧، ١٤٦، ١٤١،
١٤٠ -
برنس ايڊمنسٽريشن ١٨
بسمارڪ، اوٽو-وين ١٤٤، ١٣
برما ٣٢
بسنت، مسز اينني ٥٧، ٣٧
بلوچستان ١٦٤، ٧٧، ٧٠
٦٩ -
بمبئي ٦٤، ٥٧، ٥٢، ٤٩
٤٠، ٣٩، ٣١، ٣٠، ٢٨، ٢٧
٢٢، ٢٠، ١٩، ١٨، ١٣٧، ١٠٥،
٩٩، ٨٩، ٨٧، ٧٧، ٧٠، ٦٩
بمبئي پريذيڊنسي ٧٧، ٦٩
بمبئي پريذيڊنسي ايسوسيئيشن ٢٨

بندي ماترم ١١٧
بنرجي، سريندر ناٿ
٤٦، ٤٧ -
بنگال ١٤٢، ١١٣، ١٠٨، ١٠٥
١٠٠، ٩٩، ٩٤، ٩٣، ٨٢، ٧٧
٧٦، ٧٥، ٦٩، ٦٧، ١٧٠، ١٥٥
١٤٧ -
بنگالي ٢١
بوس، سڀاش چندر ٨٢
بوس، سرت چندر ١٧٠، ٢٧
بهار ١٤٨، ٩٨، ٩٤
پارٽي پريس ١٣٤
پارسي ٤١، ٢٨، ٢٧
پارلياماني بورڊ ٩٤
پارليمينٽرين ٣٢، ١٣١، ١٣
پاڪستان ١٢٩، ١٢٨، ١٢٧
١٢٦، ١٢٥، ١٢٣، ١١٥، ١٠٨،
٧٩، ٤٨، ١٦، ١٣، ١٢، ١٠، ١٤٤
١٤٣، ١٤٢، ١٤١، ١٣٩، ١٣٨
١٣٧، ١٣٦، ١٣٥، ١٣٢، ١٣١،
١٣٠، ١٢١، ١٦٠، ١٥٩، ١٥٨،

۱۵۷، ۱۵۶، ۱۵۵، ۱۵۲، ۱۵۰،
۱۴۹، ۱۴۷، ۱۴۶، ۱۷۰، ۱۶۹،
۱۶۸، ۱۶۷، ۱۶۶، ۱۶۵، ۱۶۴،
۱۶۳، ۱۶۲۔
پال، بپن چندرا ۶۵، ۵۶
پٹیل، ولبھ بھائی ۱۵۲، ۳۷
پرشاد، بابو راجندر ۸۲
پریذیڈنسی مجسٹریٹ ۱۹
پریوی کاؤنسل ۴۰، ۱۹
پنجاب ۱۰۵، ۹۹، ۹۴، ۹۳،
۹۲، ۹۱، ۸۲، ۷۷، ۷۶، ۷۰، ۶۹،
۶۷، ۶۲، ۵۳، ۱۶۴، ۱۶۰، و
۱۵۵، ۱۵۰، ۱۲۴، ۱۱۱، ۱۰۸،
پنجاب نیشنل یونینسٹ
پارٹی ۹۴، ۹۳، ۹۲
پولی ٹیکنیک کالج ۳۲
پیسفک سمندر ۱۴۱
تحریک عدم تعاون ۵۹
ترکی ۶۱، ۶۰، ۵۹
تشریحی کتاب ۹
تلک، بال گنگادھر ۲۴
تین جون پلان ۱۵۲
جاپان ۱۴۱، ۱۳۳
جرمن ۱۵۷
جمعیت العلماء کانفرنس
۸۱۔
جمعیت العلماء ہند ۸۳
جناح، محمد علی ۳۰، ۲۹، ۲۸،
۲۷، ۲۶، ۲۰، ۱۹، ۱۸، ۱۷، ۱۵،
۱۴، ۱۳، ۱۲، ۱۱، ۱۰، ۸، ۷
۴۷، ۴۶، ۴۵، ۴۴، ۴۳،
۴۲، ۴۱، ۴۰، ۳۹، ۳۷، ۳۶
۳۵، ۳۴، ۳۳، ۳۱، ۶۹، ۶۷،
۶۶، ۶۵، ۶۴، ۶۳، ۶۲، ۵۹
۵۸، ۵۷، ۵۶، ۵۵، ۵۴،
۵۳، ۵۲، ۵۱، ۵۰، ۴۹، ۴۸
۹۰، ۸۹، ۸۷، ۸۶، ۸۵، ۸۴
۸۳، ۸۲، ۸۱، ۸۰، ۷۹، ۷۸، ۷۷
۷۶، ۷۵، ۷۴، ۷۳، ۷۲، ۷۱
۷۰، ۱۳۴، ۱۳۲، ۱۳۱، ۱۳۰، ۱۲۹،
۱۲۶، ۱۲۵، ۱۲۴، ۱۲۲، ۱۲۱،
۱۱۷، ۱۱۶، ۱۱۴، ۱۱۳، ۱۱۱، ۹۶،

۹۳، ۹۲، ۹۱، ۱۵۶، ۱۵۵،
۱۵۴، ۱۵۳، ۱۵۲، ۱۴۸، ۱۴۶،
۱۴۳، ۱۴۱، ۱۴۰، ۱۳۹، ۱۳۸،
۱۳۷، ۱۳۶، ۱۳۵، ۱۷۱، ۱۷۰،
۱۶۹، ۱۶۸، ۱۶۷، ۱۶۶، ۱۶۵،
۱۶۴، ۱۶۳، ۱۶۲، ۱۶۱، ۱۶۰،
۱۵۹، ۱۵۸، ۱۵۷۔
جوائنٹ پارلیامنٹری رپورٹ
۸۷۔
جوناگڑھ ۱۶۱
جیکار، مکند راما راؤ
۷۵، ۷۴، ۷۰۔
جیمز، سر فریڈرک ارنسٹ
۳۷۔
چرچل، سر ونسٹن ۱۵۷، ۱۶۱
چودہ نکات ۱۲۲، ۷۹، ۸۰، ۷۷
چودھری عبدالمتین ۶۸
چورا چوری ۶۰
چیتاری، سر احمد خان
نواب ۹۲، ۹۱
چیمسفورڈ مانٹیگو ۵۰

حبیب بینک ۱۳۷
حسن، سر وزیر ۹۰، ۳۰
حسین، سر میاں فضل ۹۳،
۹۲، ۹۱، ۸۳، ۶۲
خالد کریم بخش ۱۱
خان پاٹرن ۹۳
خان، حکیم اجمل ۴۱
خان، سر ذوالفقار علی ۶۸
خان، سر سکندر حیات ۱۱۱،
۱۰۸۔
خان سر سید احمد ۱۴،
۲۳، ۱۷
خان، سر شفاعت احمد ۹۱
خان، صاحب ڈاکٹر ۹۴
خان، لیاقت علی ۱۵۸
خان مولانا اکرم ۹۳
خان، مولانا ظفر علی ۹۴
خدائی خدمتگار ۹۴، ۹۳
خطبہ الٰہ آباد ۱۲۶، ۱۲۴، ۱۲۳
خلافت تحریک ۱۲۲، ۸۵،
۸۴، ۶۸، ۶۳، ۶۲، ۶۱، ۶۰،

٥٩، ٥٨، ٥٣-
خلافت ڪانفرنس ٩٢، ٦١، ٦٢
خليفته الاسلام ٦٠
داس، چتا رنجن ٥٩، ٥٦
دولت مشترڪا ١٢٦
دهلي ١٣٦، ٩٢، ٨١، ٦٧، ٦١
دهلي مسلم تجاويز ٧٨، ٧٧، ٦٨-
ڊيگال، چارلس ١٥٧
راجڪوٽ ١٧
راجه صاحب محمود آباد ٦٨
رام گوپال ٦٢
راءِ، راجا رام موهن ٢٢
راءِ، لاله لاجپت ٧٥
رتن بائي ٢٨
رولٽ ڪميٽي ١٩١٩ع ٢٥
رؤف شاه ٩٤
ريڊين، ارنس ١٢٠
ساپرو، سر تيج بهادر ٦٢، ٧٠-
سائمن ڪميشن، ٥٠، ٨٥

سرحد ١٢٣، ١٥٠، ١٠٥، ٩٩، ٩٨، ٩٤، ٩١، ٧٧، ٧٠، ٦٩
سرخپوش تحريڪ ٩٩، ٩٣
سعدالله، سر محمد ١٠٨
سِک ٦٠، ١٢٩، ٧٣، ٧١
سنڌ ١٠٥، ٩٩، ٩٨، ٧٧، ٧١، ٧٠، ٦٩-
سنڌ مدرسته الاسلام ١٨
سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ٩٤
سنڌي ١٠
سنڌي، شيخ عبدالمجيد ٩٤
سنگاپور ١٥٣
سنگٺن تحريڪ ٦١
سومري، غلام رسول ١١
سي. آر فارمولا ١٣٨
سيتا راميه، پتا ڀائي سي ١٠٤، ٥٦-
سپ. پي ٩٩، ٩٤
سيتلواد، چمن لال ٧٣، ٢٠
شرر، عبدالحليم ١٢٣
شريف المجاهد ١١، ٨، ٧
شفيع، سر محمد ٨٥، ٦٨

شفیع لیگ ۸۵
شملہ کانفرنس ۱۴۱ و ۱۴۰
شیواجی پوجا ۲۴
صوبائی اسکیم ۹۷
طیب جی، بدرالدین ۴۴
- ۲۸
عبدالحلیم چودھری ۹۴
عبدالرحیم، سید ۶۸
عبدالقیوم، سر ۹۴ و ۹۱ و ۶۸
عبدالعزیز سید ۹۴
عبوری وزارت (حکومت)
۱۵۰ و ۱۴۹ و ۱۴۸ و ۱۴۶ و ۱۴۵
۱۴۴ و ۱۴۰ و ۱۰۵
عثمانیہ سلطنت ۶۰
عدمِ تعاون تحریک ۵۹
عرب لیگ ۱۷۰
عظام پاشا عبدالرحمن ۱۷۰
علی امام سید ۴۵
علی برادران ۳۷
علی، چودھری رحمت ۱۲۳
علی گڑھ ۱۳۲ و ۴۷ و ۱۷
علی گڑھ کالج ۱۷
عیسائی ۷۱
فارسی ۲۱
فرانس ۱۶۷ و ۱۵۷
فریڈم ایٹ مڈ نائٹ ۱۵۶
فضل الحق، مولوی ۱۰۸ و ۹۴
- ۹۳
فلسطین ۱۷۰ و ۱۶۸
قادیانین ۹۴
قائدِ اعظم، دیکھئے جناح،
محمد علی -
قائدِ اعظم اکیڈمی ۱۱
۹ و ۷ و ۸ -
قائدِ اعظم جناح اسٹیڈیز
اِن انٹرپریٹیشن ۹
قائدِ اعظم حیات وخدمات
۸ و ۷
قائدِ اعظم رلیف فنڈ
- ۱۲۴
قریشی، اشتیاق حسین ۲۳
کانٹجو، کیدش ناتھ ۱۷۰

ڪانگريس (انڊين نيشنل)
۳۶، ۴۴، ۴۱، ۳۹، ۳۰ ۽ ۲۹
۲۸، ۲۷، ۲۶، ۲۵، ۲۴، ۲۳،
۶۲، ۵۹، ۵۸، ۵۷، ۵۶، ۵۵،
۵۴، ۵۳، ۵۲، ۵۰، ۴۹، ۴۸،
۴۷، ۸۷، ۸۶، ۸۵، ۸۴، ۸۳،
۸۲، ۸۰، ۷۹، ۷۶، ۷۴، ۷۳،
۶۷، ۶۵، ۱۰۸، ۱۰۷، ۱۰۶، ۱۰۵،
۱۰۴، ۱۰۳، ۱۰۲، ۱۰۱، ۱۰۰، ۹۹،
۹۲، ۹۱، ۹۰، ۱۳۶، ۱۳۳، ۱۲۲،
۱۲۰، ۱۱۹، ۱۱۸، ۱۱۷، ۱۱۶، ۱۱۵،
۱۱۴، ۱۱۲، ۱۰۹، ۱۵۳، ۱۵۱، ۱۵۰،
۱۴۹، ۱۴۸، ۱۴۶، ۱۴۵، ۱۴۳، ۱۴۲،
۱۳۲، ۱۳۹، ۱۳۸، ۱۷۰، ۱۶۶،
۱۵۶، ۱۵۴ ـ
ڪيبنيٽ مشن ۱۵۳، ۱۵۲،
۱۴۹، ۱۳۵، ۱۴۴، ۱۴۳، ۱۴۲،
ڪيبنيٽ مشن پلان ۱۵۱،
۱۵۰، ۱۴۹، ۱۴۵، ۱۴۳
ڪچلو، ڊاڪٽر سيف الدين
۴۵ ـ

ڪراچي ۱۶۴، ۱۸، ۱۷
ڪرپس تجاويز ۱۳۹، ۱۳۸،
۱۳۳، ۱۳۲ ـ
ڪرپس، سر اسٽيفورڊ
۱۴۳ ـ
ڪرپس مشن ۱۴۷، ۱۴۴،
۱۳۳ ـ
ڪرسچن مشنري سوسائٽي
هائي اسڪول ۱۸
ڪرشڪ سميتي پارٽي ۹۳
ڪرم حيدري ۹
ڪشمير ۱۶۴، ۱۶۱
ڪلڪتو ۱۴۸، ۱۳۷، ۱۱۳،
۷۰، ۵۵، ۴۵، ۴۱، ۲۹، ۲۲
ڪلڪتو نيشنل ڪنوينشن
۷۰ ـ
ڪميونل ايوارڊ ۹۶، ۸۷
۸۰، ۷۹ ـ
ڪئنيڊا ۶۵
ڪومرجي عبوري وزارت
۱۰۵ ـ

ڪوپلينڊ، سر ريجينالڊ
١٠٦ -
ڪولنس ۽ لاپئر ١٥٣
ڪوهاٽ ٦١
ڪوئيٽا ١٤٦
ڪيمبرج ١٢٣
ڪيور ١٣
ڪاپرڊي، جي - ايس ٥٦
گانڌي، موهن داس ڪرم
چند ١٣٢، ٨٢، ٨٠، ٧٤،
٦٠، ٥٧، ٥٦، ٥٥، ٥٤،
٥٣، ٥٢، ١٦٥، ١٥٣، ١٤٥،
١٣٩، ١٣٨، ١٣٦، ١٣٤ -
گجرات سڀا ٥٧
گجراتي ٥٧، ٢١
گرٿ مڪيشنر ١٤٨
گراهمس شپنگ اينڊ
ٽريڊنگ ڪمپني ١٨
گنيش جي دن ٧٥
گوپال رام ٧٣، ٧٢
گوکلي، گوپال ڪرشن ٣٣، ٢٩
٢٧، ٢٥ -
گول ميز ڪانفرنس ٨٦، ٨٠
٧٩ -
گيريبالڊي ١٣
لارڊ، لارنس پيٿڪ ١٦٥، ١٤٢
لارڊ سائمن ٢٠
لال جي ٥٦
لاهور ١٦٣، ١٣١، ١٢٩، ١١٣،
٦٢ -
لائن سسٽم ١٥٠
لکنؤ ١٢٢، ١١٦، ١١٥، ١١٣،
١١٣، ١١٢، ١١١، ١١٠، ١٠٩، ١٠٨
٦٨، ٦٧، ٦٦، ٥٦، ٥٢، ٥١
٥٠، ٤٩
لنڊن ٨٦، ٧٩، ١٨
لنڊن ٽائمز ١٦١
لنڪنز ان ١٨
ليبر پارٽي ١٥٣، ١٤١
ليٿن ١٣
مالويه، مدن موهن ٨٢،
٧٥، ٥٦ -

مانٹگیو، چیمسفورڈ ۶۶، ۵۷، ۵۰
ماؤنٹ بیٹن پیپرز ۱۵۵، ۱۵۴۔
ماؤنٹ بیٹن پلان ۱۵۸
ماؤنٹ بیٹن، لارڈ لوئیس ۱۶۴، ۱۵۹، ۱۵۸، ۱۵۶، ۱۵۵، ۱۵۴، ۱۵۳، ۱۵۲، ۱۵۱۔
مائیول ۱۵۴
مجلس آئین ساز (پاکستان) ۶۵، ۶۳، ۵۹، ۳۸، ۳۵، ۳۱
محمد علی، مولانا جوہر ۸۵، ۸۶، ۸۴، ۶۸، ۶۵، ۴۰
محمڈن اسٹیم شپ کمپنی ۱۳۷۔
مدراس ۱۳۸، ۱۱۴، ۹۹، ۹۴، ۲۹، ۲۲
مدراس پریذیڈنسی مسلم پروگریسیو پارٹی ۹۴
مدی مین کمیٹی ۶۶
مرکزی مجلس قانون ساز ۱۰۵، ۸۴، ۶۵، ۳۵، ۳۱۔
مسجد کانپور ۴۰
مسعود نبی نور ۸
مسلم اخبارات ۴۲
مسلم ایوان تجارت ۱۳۷
مسلم پارلیامنٹری پارٹی ۹۴
مسلم پریس ۱۳۶، ۱۳۵
مسلم پولیٹیکل پارٹی ۹۴
مسلم کمرشیل بینک ۱۳۷
مسلم لیگ ۷۴، ۷۳، ۷۱، ۶۳، ۶۲، ۵۷، ۵۶، ۵۱، ۴۹، ۴۸، ۴۷، ۴۳، ۴۲، ۴۱، ۴۰، ۳۹، ۲۶، ۱۰۵، ۱۰۴، ۱۰۳، ۱۰۲، ۱۰۱، ۱۰۰، ۹۹، ۹۷، ۹۶، ۹۵، ۹۴، ۹۳، ۹۲، ۹۰، ۸۹، ۸۶، ۸۳، ۱۳۸، ۱۳۷، ۱۳۵، ۱۲۴، ۱۲۳، ۱۱۶، ۱۱۵، ۱۱۴، ۱۱۳، ۱۱۲، ۱۱۱، ۱۱۰، ۱۰۹، ۱۰۸، ۱۵۸، ۱۵۶، ۱۵۵، ۱۴۹، ۱۴۸، ۱۴۷، ۱۴۵، ۱۴۳، ۱۴۱، ۱۴۰، ۱۳۹۔
مسلمان (مسلمانوں) ۴۰، ۳۹، ۳۱

٣٠، ٢٦، ٢٥، ٢٤، ٢٣، ٢٢، ١٨، ١٧،
١٦، ١٥، ١٤، ١٣، ٨، ٦٣، ٦٢، ٦١،
٦٠، ٥٧، ٥١، ٥٠، ٤٩، ٤٨،
٤٧، ٤٦، ٤٥، ٤٤، ٤٣، ٤٢،
٨٤، ٨١، ٧٩، ٧٨، ٧٧، ٧٦، ٧٥،
٧٤، ٧٣، ٧١، ٧٠، ٦٩، ٦٨، ٦٧،
٦٥، ٦٤، ١٠٢، ١٠١، ١٠٠، ٩٩، ٩٧،
٩٦، ٩٥، ٩٤، ٩٣، ٩١، ٩٠، ٨٧،
٨٦، ٨٤، ٨٣، ٨٢، ١١٩، ١١٨، ١١٥،
١١٤، ١١٣، ١١٢، ١١١، ١١٠، ١٠٩، ١٠٨،
١٠٧، ١٠٦، ١٠٥، ١٠٣، ١٣٢، ١٣١،
١٣٠، ١٢٩، ١٢٨، ١٢٧، ١٢٦، ١٢٥،
١٢٤، ١٢٣، ١٢٢، ١٢١، ١٢٠، ١٥٢،
١٥٠، ١٤٩، ١٤٨، ١٤٤، ١٤٣،
١٤٠، ١٣٩، ١٣٨، ١٣٧، ١٣٦،
١٣٥، ١٣٤، ١٧٠، ١٦٨، ١٦٧،
١٦٦، ١٥٩، ١٥٨، ١٥٦، ١٥٥ ـ
مصر ١٦٧
مظهرالحق، ڊاڪٽر ٤٥
مفتي اعظم فلسطين ١٧٠
ملت جو پاسبان ٩
مِنتو لارڊ ٣٤
منٽو، مارلي سڌارا ٢٦
مون، پينڊرال ١٠٦، ٥٧
موهاني، مولانا حسرت ٤٥
مهتا، سر فيروز شاه ٢٧، ٣٦ ـ
ميثاق لکنؤ ١٢٢، ٦٨، ٦٧،
٦٦، ٥٦، ٥١، ٥٠، ٤٩
مينن، وي. پي ١٥٤
ناگپور ٥٧، ٥٦، ٥٥، ٥٣
نائيڊو، سروجني ٤٤
ندوة العلماء، ٤٧، ٤٣، ٤١
نشتر، سردار عبدالرب ١٥٨
نعماني، شبلي، مولانا ٤١
نڪلسن، بيورلي ١٧٠
نوکالي ١٤٨
نوروجي، دادا ڀائي ٣٦،
٢٩، ٢٧، ٢٦
نهرو، جواهرلال ١٥٦، ١٥٣،
١٥٠، ١٤٥، ١٢٥، ٨٢، ٣٧
نهرو رپورٽ ٨١، ٨٠، ٧٨، [illegible]

نهرو، موتي لال ۷۶، ۵۹، ۳۷
نیشنل کنونشن ۷۸، ۷۰
واشنگٹن، جارج ۱۳
وائسرائي ۱۵۱، ۱۳۹، ۱۴۵،
۱۴۱، ۱۳۹، ۱۳۲، ۱۳۱، ۱۰۵،
۵۷، ۴۹، ۳۷، ۳۶، ۲۵،
۱۵۵، ۱۵۴، ۱۵۳۔
ودیا مندر اسکیم ۱۱۷
وردکٹ آت انڈیا ۱۷۰
وزیرستان ایجنسی ۱۶۲
وقف علي الاولاد ۴۶، ۴۰،
۳۵، ۳۳۔
ویول، لارڈ ۱۵۱، ۱۴۰
هارون سیٹھ عبداللہ ۹۴،
۹۲، ۹۱
هدایت اللہ، سر غلام حسین
۹۴، ۹۱۔
هندو (هندوؤں) ۶۸، ۶۷،
۶۴، ۶۲، ۵۲، ۵۱، ۴۹، ۴۷،
۳۹، ۲۵، ۲۰، ۱۴، ۱۳۹،
۱۲۷، ۱۰۶، ۱۰۴، ۸۶، ۸۳،
۸۲، ۷۷، ۷۵، ۷۲، ۷۱، ۷۰،
۱۶۰، ۱۵۴، ۱۴۹، ۱۴۸۔
هندو مهاسبها ۷۳، ۶۵
هندوستان ۲۹، ۲۸، ۲۶،
۲۵، ۲۳، ۲۲، ۲۱، ۱۹، ۱۸، ۱۶،
۱۵، ۱۴، ۱۳، ۱۲، ۱۱، ۸، ۵۱،
۴۹، ۴۷، ۴۶، ۴۵، ۴۴،
۴۳، ۴۲، ۴۱، ۴۰، ۳۵، ۳۳،
۳۲، ۳۱، ۳۰، ۸۴، ۸۳، ۸۲،
۸۱، ۸۰، ۷۹، ۷۷، ۶۱، ۶۰، ۵۹،
۵۸، ۵۷، ۵۶، ۵۵، ۵۴،
۵۳، ۵۲، ۱۲۵، ۱۱۵، ۱۰۹،
۱۰۷، ۱۰۶، ۱۰۵، ۱۰۴، ۱۰۳، ۱۰۱،
۱۰۰، ۹۹، ۹۸، ۹۷، ۹۶، ۹۱،
۸۵، ۱۴۰، ۱۳۹، ۱۳۸، ۱۳۷،
۱۳۶، ۱۳۵، ۱۳۴، ۱۳۳، ۱۳۲،
۱۳۱، ۱۲۹، ۱۲۸، ۱۲۷، ۱۶۲،
۱۶۱، ۱۶۰، ۱۵۹، ۱۵۶، ۱۵۴،
۱۵۳، ۱۵۱، ۱۵۰، ۱۴۸، ۱۴۷،
۱۴۴، ۱۴۲، ۱۴۱، ۱۷۰، ۱۶۸،
۱۶۷، ۱۶۶، ۱۶۳۔

هندستاني پريس ۱۳۵
هندلي ۱۱۷، ۲۴
هوم رول ليگ ۵۵، ۵۲، ۵۱
هيوم، سر آڪٽيون ۲۴
يو. پي ۱۱۱، ۱۰۶، ۱۰۴، ۱۰۰، ۹۹، ۹۱
يورپ ۱۴۰
يوسف، سر محمد ۹۲، ۹۱
يوم نجات ۱۱۸
يوم سياه ۱۴۰
يونائيٽيڊ پارٽي ۹۴
يونائيٽيڊ مسلم پارٽي ۹۴
يونائيٽيڊ مسلم نيشنلسٽ پارٽي ۹۴



محمد علي جناح انهن ماڻهن لاءِ جن جي پاڻ رهنمائي ڪيائين، قائد اعظم کان به وڌيڪ ڪجهه هو، ۽ جنهن
اسلامي قوم کي وجود ۾ آندو، ان قوم جو نه رڳو معمار هو بلڪ ان کان به وڌيڪ ڪجهه هو.

دي ٽائمز (لنڊن) ١٣ سيپٽمبر ١٩٤٨ع